روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

REG NO. 3833

ABC Certified

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اربع پهرين مئي 2024ع بمطابق 22 شوال المڪرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 335

41 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر، چاهيان ٿو ته اهي تعليم حاصل ڪن: وڏو وزير

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اسڪولن کان ٻاهر 41 لک ٻارن کي واپس اسڪولن ڏانهن آڻڻ بابت اجلاس، تعليم واري وزير، پرنسپل سيڪريٽري ۽ لاڳاپيل آفيسرن جي شرڪت

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جي رپورٽ موجب 26 ملين کان مٿي ٻار اسڪولن ۾ تعليم حاصل ناهن ڪري رهيا، 7 ڍائي 63 ملين ٻار سنڌ جا آهن جيڪي اسڪولن ۾ داخل نه آهن

مان چاهيان ٿو ته اسڪولن کان ٻاهر اهي ٻار تعليم حاصل ڪن، ان جا ڪهڙا به سبب هجن، ان جو حل اسان کي ڪڍڻو آهي، پرائمري اسڪولن کي اپ گريڊ ڪري پوسٽ پرائمري اسڪول ڪيو وڃي

وفاقي حڪومت جي رپورٽ موجب سنڌ ۾ اسڪول وينڊڙ ٻارن جو انگ 14 ڍائي 2 ملين آهي، نجي ۽ سماجي ادارن جي اسڪولن جي ٻارن کي گڏائجي ته 10 ڍائي 2 ملين ٻار اسڪولن ۾ آهن: تعليم وارو وزير

سنڌ ۾ 70 لک نه پر 41 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن، يونيسيف جي رپورٽ موجب 20 سيڪڙو ٻار غربت، 15 سيڪڙو ٻار چوڪرين جا اسڪول نه هئڻ ۽ 14 سيڪڙو ٻار اسڪول گهرن کان پري هئڻ سبب نه پيا پڙهن

غير رسمي تعليم ذريعي 9 سالن يا ان کان وڏن ٻارن کي تعليم ڏئي سگهجي ٿي (اجلاس ۾ فيصلو) ان حوالي سان تجويزون موڪليندا سين: تعليم وارو وزير سيد سردار شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 4.1 ملين اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪولن ۾ واپس آڻڻ جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي هدايت ڪئي ته سمورن پرائمري اسڪولن کي بتدريج اپ گريڊ ڪري پوسٽ پرائمري ٽائين آڻڻ جي پاليسي تي عمل ڪيو وڃي. وزيراعلي هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ تعليم واري صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان يورپي يونين جي سفير ملاقات ڪندي

وزيراعظم عالمي اقتصادي فورم جي خصوصي اجلاس ۾ شرڪت

ڪانپوءِ وطن واپس روانو

رياض (م ر) وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي اقتصادي فورم جي خصوصي اجلاس ۾ شرڪت ڪانپوءِ وطن واپس روانو ٿي ويو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ ٽرمينل تي سعودي عرب جي اعلى عملدار، پاڪستان ۾ مقرر سعودي سفير، سعودي عرب ۾ پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪنهن سياسي طاقت، حساس اداري، وڪيل گروپ يا حڪومت هٿان استعمال نه ٿينداسين: چيف جسٽس

چيف جسٽس قاضي فائز عيسىٰ جي سربراهي ۾ جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس جمال مندوخيل، جسٽس اطهر من الله، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس نعيم اختر تي ٻڌل بئنچ معاملي جي ٻڌڻي ڪئي

اسان ڪنڊڪٽ سان ڏيکاريندا سين ته مداخلت آهي يا نه، ججن جو حڪم نامو ڏيکاري ٿو ٻڌائي ٿو ته ڪيتري مداخلت ٿي آهي ۽ ڪيتري آزادي آهي ڪيتري ناهي، اسان نٿا سمجهون ته مداخلت جو معاملو سنجيدگي سان نٿا وٺون: چيف جسٽس

لاهور هاءِ ڪورٽ ان ڳالهه کي مڃيو آهي، جيڪا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چئي (جسٽس اطهر من الله) اسان وٽ موقعو آهي ته ان معاملي کي حل ڪيون، اسان کي هاءِ ڪورٽس ۽ عدليا کي بااختيار بڻائڻو آهي: جسٽس منصور علي شاهه

اها رڳو مداخلت ناهي پر اسان جي ججن کي ٽارگيٽ ڪيو ويو، اسان نوٽيس ورتو اسان سان ڇا ٿي رهيو آهي (جسٽس جمال مندوخيل) اسان کي مداخلت سامهون رنڊڪ بيهارڻي پوندي: جسٽس منصور علي شاهه

رياست کي عدليا جي آزادي جو تحفظ ڪرڻو آهي، مان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ رهيس ڪنهن مداخلت نه ڪئي، جسٽس بابر ستار سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سامهون آهي: جسٽس اطهر من الله

مان ڪيترن ئي واقعن ۾ ٻڌائي سگهان ٿو جڏهن مداخلت ٿي، طئي ڪري ڇڏيو ته اسان ڪنهن سياسي طاقت، حساس اداري، وڪيل گروپ يا حڪومت هٿان استعمال نه ٿينداسين: چيف جسٽس

اسلام آباد (م ر) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسىٰ عدليا ۾ مبينا مداخلت جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا ته طئي ڪري ڇڏيو اسان ڪنهن سياسي طاقت، حڪومت يا حساس اداري هٿان استعمال نه ٿينداسين. سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس قاضي فائز عيسىٰ جي سربراهي ۾ 6 رڪني بئنچ معاملي جي ٻڌڻي ڪئي، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس جمال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪنهن کي يقين نه هو ته معيشت سنڀالڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديس: شمشاد اختر

پنهنجي دور ۾ تمام سخت فيصلا ڪيا. نگران واري وزارت وارا سمجهندا هئا ته مون کي خبر ناهي

سول سرونٽس جذبو ناهن وڃائيندا، پر انهن کي ڪم ڪرڻو پوندو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (م ر) اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر ۽ اڳوڻي نگران ناڻي واري وزير شمشاد اختر چيو آهي ته منهنجي دور ۾ ڪنهن کي يقين نه هو ته ايڏي سٺي طريقي سان معيشت سنڀاليندس. ڪراچي ۾ اوورسيز چيمبر ۾ وومين امپاورمينٽ ايوارڊ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو ملاقات ڪندي

قرض وٺڻ نه قرض مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪاميابي هوندي: وزيراعظم

آءِ ايم ايف جي 1.1 ارب ڊالر جي آخري قسط ملڻ سان پاڪستان ۾ وڌيڪ معاشي استحڪام ايندو

16 مهينن جي حڪومت دوران پاڪستان کي ڏيوالي کان بچائڻ لاءِ آءِ ايم ايف جو اهو معاهدو اهم ثابت ٿيو هو

پاڪستان جي معاشي تحفظ لاءِ سخت ۽ ڏکيا فيصلا ڪيا، نتيجا معاشي استحڪام جي صورت ۾ سامهون اچي رهيا آهن

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي آخري مالياتي قسط جاري ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آءِ ايم ايف جي 1.1 ارب ڊالر جي آخري قسط ملڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وزيراعظم کي ايئرپورٽ تي الوداع ڪيو پيو وڃي

مراد علي شاهه يورپي يونين کان مدد گهري ورتي

چاهيون ٿا ته ڀاڙين ۾ گهرن کي سولر انرجي سان روشن ڪيو وڃي، يورپي يونين مدد ڪري: وڏو وزير

توهان اسڪولن جي تعمير ۽ سولر پراجيڪٽ موڪليو، مدد جي ڪوشش ڪنداسين: سفير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه يورپي يونين کان مدد گهري ورتي. مراد علي شاهه صوبي ۾ گهرن کي سولرائيزيشن ڪرڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نيب ايل اين جي ريفرنس واپس وٺي ڇڏيو، شاهد خاقان سميت سمورا جوابدار بري

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي احتساب عدالت شاهد خاقان عباسي سميت ٻين جوابدارن کي ايل اين جي ريفرنس مان بري ڪري ڇڏيو. نيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ امن امان جي صورتحال تي ڌيان ڏئي رهيا آهيون: محسن نقوي

ڪچي ۾ آپريشن بابت به جائزو ورتو پيو وڃي، ان لاءِ وڏي وزير سان ملاقات ۾ تفصيلي غور ڪيو ويندو

نادرا آفيس شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ ۽ پاسپورٽ آفيس جو مرمتي ڪم مڪمل ڪرايو ويندو

هي وقت سياست ڪرڻ جو نه پر عملي ڪم ڪرڻ جو آهي. ملڪ جي ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

سکر: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي نادرا آفيس ۾ معذور کان مسئلا معلوم ڪندي

سکر (رپورٽر) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته هو ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ امن امان جي صورتحال تي ڌيان ڏئي رهيو آهي، ڪچي ۾ آپريشن بابت به جائزو ورتو پيو وڃي. ان لاءِ وڏي وزير سان ملاقات ۾ تفصيلي غور ڪيو ويندو. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سکر ۾ نادرا آفيس جو دورو ڪيو جتي ڪيس تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي محسن نقوي چيو ته نادرا آفيس شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ ۽ پاسپورٽ آفيس جو مرمتي ڪم مڪمل ڪرايو ويندو. هي وقت سياست ڪرڻ جو نه پر عملي ڪم ڪرڻ جو آهي. ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي سڀني سياسي پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

نقيب الله قتل ڪيس ۾ اکين ڏٺو شاهد پنهنجي بيان تان هٽ ڪئي ويو

اعلى اختيارين جي دٻاءُ سبب لکت واري بيان تي صحيحون ڪيون هيون: هيڊ ڪانسٽيبل

راجا جهانگير جو اڳوڻي ايس ايڇ او ۽ شعيب شوٽر سميت 7 جوابدارن کي سڃاڻڻ کان انڪار

ڪراچي (رپورٽر) نقيب الله قتل ڪيس ۾ اکين ڏٺو شاهد هيڊ ڪانسٽيبل راجا جهانگير پنهنجي بيان تان هٽ ڪئي ويو. پنهنجي گواهي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او امان الله مروت ۽ شعيب شوٽر سميت 7 جوابدارن کي سڃاڻڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي وزير گر تيل 29 شهرين جي خاندانن لاءِ مالي مدد جي منظوري ڏئي ڇڏي: گهرو کاتو

شهرين کي جبري طور گم ڪرڻ جي ڳالهه تسليم ڪئي وئي آهي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪنهن اداري شهرين جي گمشدگي کي تسليم نه ڪيو آهي: رينجرز جو وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه گم ٿيل 29 شهرين جي خاندانن لاءِ مالي مدد جي منظوري ڏئي ڇڏي. سنڌ جي گهرو کاتي سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ وارن کي احتجاج جو ڪو به فائدو نه ٿيندو: خورشيد شاهه

جڏهن پاڻ عمران خان جي اڳواڻي ۾ احتجاج ٿيا ان وقت به حڪومت پنج سال پورا ڪيا، ملڪ وڌيڪ ڌڪيڙ برداشت نٿو ڪري سگهي

ڪمپنين ڏانهن بقاياڻون رهيل آهن انهن خلاف وڏا وڪيل سامهون آندا وڃن ۽ ننڍا وڪيل ڪيس هلائڻ جي صلاحيت نٿا رکن

ڪڻڪ ۽ ڪٽڪ وڏي مقدار ۾ اسان وٽ موجود آهي ايڪسپورٽ ڪري متبادل حاصل ڪري سگهجي ٿو: سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (م ر) پيپلز پارٽي اڳواڻ خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته پي ٽي آءِ کي احتجاج ڪرڻ سان ڪوبه فائدو نه رسندو. پهرين به پي ٽي آءِ وارن ڪوڙ احتجاج ڪيا آهن. پيپلز پارٽي اڳواڻ خورشيد احمد شاهه سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي آءِ کي اسان پارليامينٽ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني آهي. هن چيو ته جيڪڏهن هائي ۾ پارليامينٽ چڙهن جي ڳالهه ڪئي ته انهن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سان ڌماڪو، ٻه ڄڻا فوت، 8 زخمي

جنريٽر مارڪيٽ جي دڪان ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٻه دڪان متاثر ٿيا

ڌماڪي سان ٻن دڪانن ۾ باهه لڳي وئي ۽ ڀرپاسي ڌونهون ٿي ويو: اکين ڏٺو شاهد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نيو چالي ۾ جنريٽر مارڪيٽ جي دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سان ڌماڪو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 8 زخمي ٿي پيا. ايس ايس پي سٽي موجب جنريٽر مارڪيٽ جي دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جج حلف ۾ ڪنهن به قسم جو دٻاءُ نه وٺڻ جو قسم کڻندو آهي: پشاور هاءِ ڪورٽ

جج جي حلف ۾ لکيل آهي ته هو دٻاءُ ۾ نه ايندو، جج انصاف جي فراهمي ۾ ڪنهن قسم جي مداخلت برداشت نه ڪندو

اهڙو ضابطو ناهي جيڪو ججن جي ڪم ۾ مداخلت جي اجازت ڏئي، سپريم جڊيشل ڪائونسل ججن جي ضابطن جي نمائندگي ڪندي آهي

سياسي ڪيسن ۾ مرضي جي فيصلن لاءِ مداخلت ٿي، ڳالهه نه مڃڻ جي صورت ۾ ججن کي غير رياستي عنصرن کان ڌمڪيون مليون

اسلام آباد (م ر) عدالتي معاملن ۾ ڳجهي ادارن جي مبينا مداخلت تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي پاڻمرادو نوٽيس ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جواب ۽ تجويزون پيش ڪري ڇڏيون. پشاور هاءِ ڪورٽ پنهنجي جواب ۾ چيو ته جڏهن جج حلف کڻندو آهي ته ڪنهن جو دٻاءُ نه وٺڻ جو قسم کڻندو آهي. جج جي حلف ۾ لکيل آهي ته هو دٻاءُ ۾ نه ايندو، جج انصاف جي فراهمي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسان جهڙيون شفاف چونڊون ڪنهن به پارٽيءَ ۾ نه ٿيون آهن: بيرسٽر گوهر

3 مارچ تي ٿيندڙ چونڊن جي حوالي سان نوٽيس مليو آهي، اسان 2 ڊسمبر تي چونڊون ڪرايون

اسان سان زيادتي ٿي، بيٽ جو نشان کسيو ويو، پارٽي اڳواڻ کي جيل ۾ رکيو ويو

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته اسان جي پارٽي جيتري شفاف اليڪشن ڪنهن به پارٽي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهيون سينيٽ جي سامهون ٿينديون: علي امين گنڊاپور

ملڪ جي استحڪام لاءِ پي ٽي آءِ باني شروع کان ڳالهين جو حامي آهي، ڪالهه ڳالهه نه ٿيندي

پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ امن هو، تازي بدامني جي ذميوار پي ڊي ايم آهي

وفاق کي چوان ٿو ته دهشتگردي خلاف جنگ جي مد ۾ 460 ارب رپيا جاري ڪيا وڃن

پشاور (م ر) خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهيون سينيٽ جي سامهون ٿينديون. ڪالهه ڳالهه نه ٿيندي، پشاور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور چيو ته ملڪ جي استحڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آمريڪا ۾ گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ جوابدار جي فائرنگ، 4 پوليس آفيسر قتل

پوليس اهلڪار هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ گهربل جوابدار کي وارنٽ ڏيڻ پهتا

جوابدار پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني، فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ جوابدار به مارجي ويو

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) آمريڪا جي رياست شمالي ڪيرولائنا ۾ گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ گهربل جوابدار پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪري ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ايڇ آر سي پي پاران سياسي ڪارڪن بشير شر کي حراست ۾ وٺڻ تي ڳڻتي ظاهر

ڪراچي (رپورٽر) هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) سياسي ڪارڪن بشير شر کي حراست ۾ وٺڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. ايڇ آر سي پي موجب بشير شر کي اڄ جي رات مبينا طور تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪراچي ۾ زبردستي حراست ۾ ورتو هو جنهن جي پوليس رپورٽ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: صوبائي وزير عذرا پيچوهو جناح پوسٽ ميڊيڪل ڪاليج هاسپيٽل ۾ نئين وارڊ جو افتتاح ڪندي

سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جي وفد جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات، مسئلن بابت آگاهي ڏني

سنڌ سرڪار صحافتي تنظيمن، ميڊيا جي ادارن ۽ ورڪرن جي مسئلن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

شهيد بي بي، صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت صحافين جي حقن جو تحفظ ڪندا آيا آهيون

ميڊيا ورڪرز جي ذميوارين جي ادائگي ۾ درپيش مشڪلاتن جو خاتمو اسان جو عزم آهي، انهن کي حل ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جي وفد ڪراچي ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي ۽ ميڊيا ورڪرز ۽ ادارن کي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جي وفد کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سان سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جو وفد ملاقات ڪندي

حڪومت ايل پي جي جي قيمت ۾ في ڪلو 11 رپيا 88 پئسا گهٽتائي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ر) حڪومت ايل پي جي جي قيمت ۾ في ڪلو 11 رپيا 88 پئسا گهٽتائي ڪري ڇڏي. ايل پي جي نئين في ڪلو قيمت 238 رپيا 46 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي ۽ گهريلو سلينڈر 140 رپيا 18 پئسا سستو ٿيو آهي. نون اگهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي، نوان اگهه پهرين مئي کان لاڳو ٿيندا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: اسپيڪر قومي اسيمبلي اياز صادق سان قطر جو سفير ملاقات ڪندي

حڪومت ڳالهين لاءِ پنهنجا ڪارڊ ڏيکاري، علي محمد خان

سڀ کان وڏي پارٽي کي پٺ سان لڳائڻ ۽ اڳتي وڌڻ سان آئين نٿو ٽي سگهي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي محمد خان چيو آهي ته حڪومت ڳالهين لاءِ پنهنجا ڪارڊ ڏيکاري. ڳالهائيندي علي محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

قاضي احمد ڀرسان ڦرُ دوران مزاحمت تي واپاري قتل، مقتول جي وارثن جو لاش رکي ڌرڻو

قاضي احمد ڀرسان ڳوٺ پير فارم ڀرسان رات جو نامعلوم هٿياربند گهر اندر گهڙي ڦر ڪئي

ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي واپاري فتح محمد چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا، وارثن جو نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو

هڪ ڪلاڪ روڊ بند هجڻ کان پوءِ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ڌرڻي ۾ پهچي روڊ کولرايو

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد ڀرسان ڳوٺ پير فارم ڀرسان رات جو نامعلوم هٿياربند گهر اندر ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي واپاري فتح محمد چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي لاش سول اسپتال پهچائي، ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مقتول جي وارثن لاش نيشنل هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سياست ڇڏي ڏني آهي، پي ٽي آءِ ۾ واپسي جي حوالي سان ڪجهه نٿي چئي سگهان: شيرين مزاري

شريف ۽ زرداري خاندان بادشاهي چاهين ٿا، پي ٽي آءِ ۾ واپس وڃڻ جي حوالي سان هن وقت مان ڪجهه به نٿي چئي سگهان

اسان روز دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ڪيس ڀوڳيندا آهيون، لڳي ٿو ته صرف پي ٽي آءِ وارا دهشتگرد آهن ٻيو ڪير به نه آهي

حڪومت جي ڪنهن به قسم جي ڪارڪردگي نه آهي: دهشتگردي جي انت واري عدالت راولپنڊي جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر) اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري چيو آهي ته شريف ۽ زرداري خاندان بادشاهي چاهين ٿا، پي ٽي آءِ ۾ واپس وڃڻ جي حوالي سان هن وقت مان ڪجهه به نٿي چئي سگهان. دهشتگردي جي انت واري عدالت راولپنڊي جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيرين مزاري چيو ته حڪومت ۾ ويٺل ماڻهو بادشاهي چاهين ٿا. هن چيو ته اسان روز دهشتگردي جي انت واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

افغانستان جي صوبي هرات ۾ هٿياربندن جو مسجد تي حملو 6 ڄڻا مارجي ويا

ڪابل (م ر) افغانستان جي صوبي هرات ۾ هٿياربندن مسجد تي حملو ڪري ڏنو نتيجي ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا. خبرو اداري موجب سومر جي شام جو مسجد کي ٽارگيٽ بڻائي حملو ڪيو ويو، حملي ۾ شهيد ٿيندڙ ۾ هڪ عورت ۽ هڪ ٻار به شامل آهي. مسجد جو امام به حملي ۾ شهيد ٿي ويو هن محل تائين ڪنهن به گروپ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايندڙ 2 مهينا اهم آهن، سياست پنهنجو رنگ ڏيکاريندي: شيخ رشيد

پاڪستان جي آئين ۾ نائب وزيراعظم جي ڪابه گنجائش نه آهي. نائب وزيراعظم جاتي عمره جو آئين آهي

ڪنهن به پي ٽي آءِ اڳواڻ سان رابطو نه آهي، پي ٽي آءِ سان ڳالهين تي شبلي فراز ئي ڪجهه چئي سگهي ٿو

هاري ۽ صنعتڪار روئي رهيا آهن اڃان تائين هڪ ڪلو ڪڻڪ به خريد نه ڪئي وئي آهي، نيب نوٽيس وٺي

راولپنڊي (م ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته ايندڙ 2 مهينا تمام گهڻا اهم آهن ان دوران سياست پنهنجو رنگ ڏيکاريندي، راولپنڊي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيخ رشيد چيو ته پاڪستان جي آئين ۾ نائب وزيراعظم جي ڪابه گنجائش نه آهي. نائب وزيراعظم جاتي عمره جو آئين آهي هن چيو ته ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

غزه ۾ مڪمل جنگبندي کان پوءِ ٻئي مرحلي جي شروعات ٿيندي: سعودي عرب

هن وقت جنگ بندي ۽ غزه جي شهرين جي ڏکيائين جو حل فراهم ڪرڻ جي فوري ضرورت آهي

سعودي عرب ۽ آمريڪا ٻه طرفي معاهدن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي مرحلي ويجهو پهچي چڪا آهن

فلسطيني رياست جي قيام تائين پهچڻ لاءِ هڪ رستو گهربل آهي، مڪمل جنگ بندي کان پوءِ ٻئي مرحلي جي شروعات ٿيندي

رياض (م ر) سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان چيو آهي، ته هن وقت جنگ بندي ۽ غزه جي شهرين جي ڏکيائين جو حل فراهم ڪرڻ جي فوري ضرورت آهي: ايس پي اي مطابق هن عالمي اقتصادي فورم جي خصوصي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته غزه ۾ فوري ۽ مستقل جنگ بندي به انتهائي ضروري آهي. سعودي پرڏيهي وزير فلسطيني عوام جي حق ۾ خودارادي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير خالد مقبول صديقي نيوٽيڪ يونيورسٽي جو دورو ڪندي

ڀارتي عدالت سيما حيدر جي مڙس غلام حيدر کي طلب ڪري ورتو 10 جون کان اڳ پيش ٿيڻ جي هدايت

نئين دهلي (م ر) ڀارتي رياست اتر پرديش جي شهر گريٽر نوئيڊا جي هڪ عدالت سيما حيدر جي پاڪستاني مڙس غلام حيدر کي طلب ڪندي 10 جون کان پهريان پيش ٿيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. عدالت ۾ غلام حيدر جي ڪيس ۾ پيروي ڪندڙ وڪيل مومن ملڪ چيو ته هن جو موڪل عدالت ۾ پيش ٿيندو ڪجهه هفتا پهريان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

متحده عرب امارات ۾ هڪ دفعو ٻيهر تيز برسات جي اڳڪٿي

متحده عرب امارات بحيره احمر کان سطح گهٽ دٻاءُ جي واڌ سان متاثر ٿيو آهي

ڪنوڻ سان تيز برسات جو امڪان آهي، ڪجهه هنڌن تي ڳڙا به پئجي سگهن ٿا

دبئي (م ر) متحده عرب امارات ۾ هڪ دفعو ٻيهر تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اماراتي موسميات کاتي (نيشنل سينٽر آف ميٽرولوجي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حيدرآباد ۾ ٻارن کي پوليو جا قطرا نه پيارڻ وارن والدين کي سزائون ڏيڻ جو اعلان

والدين کي هڪ مهينو قيد ۽ 50 هزار روپيه ڏنڊ ڏيڻو پوندو: نوٽيفڪيشن

پوليو وائرس جي پکيڙ کي روڪڻ جي لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو: ڊپٽي ڪمشنر

حيدرآباد (م ر) حيدرآباد ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پيارڻ کان انڪار ڪرڻ تي والدين کي سزائون ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جماعت اسلامي سنڌ پاران سينيئر صحافي امداد سومرو جي گهر ۾ ڌاڙي جي مذمت

ڪراچي کان ڪشمور تائين ڌاڙيل راڄ نافذ آهي، هاڻي ته صحافي برادريءَ به رهزنن کان محفوظ ڪونهي، مجاهد چنا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 30 اپريل 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا سينيئر صحافي ۽ انوسٽي گيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ جا مختلف شهر گرمي جي اثر هيٺ: نوابشاهه ۾ گرمي پد 41 ڊگري تائين پهچي ويو

سنڌ ۾ سڀني کان وڌيڪ گرمي پد مٺي ۾ 41.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، دادو ۽ حيدرآباد ۾ گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو

ڪراچي ۾ وڌ کان وڌ گرمي پد 39.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو ۽ هوا ۾ نمي جو تناسب 19 سيڪڙو رهيو

گلگت بلتستان ۾ بابوسر ٽاپ، بنو گاهه ٽاپ ۽ فيري ميڊو سميت مٿاهين علائقن ۾ برفباري جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جا مختلف شهر گرمي جي اثر هيٺ آهن. نوابشاهه ۾ گرمي پد 41 ڊگري سينٽي گريڊ تي پهچي ويو. سنڌ ۾ سڀني کان وڌيڪ گرمي پد مٺي ۾ 41.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، دادو ۽ حيدرآباد ۾ گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو، ڪراچي ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 39.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو ۽ هوا ۾ نمي جو تناسب 19 سيڪڙو رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نسيم شاهه سميت 500 کان وڌيڪ ڪرڪيٽرن لنڪا پريميئر ليگ لاءِ رجسٽريشن ڪرائي ورتي

ڪراچي (م ر) لنڪن پريميئر ليگ 2024ع جي پنجين ايڊيشن لاءِ نسيم شاهه سميت پنج سئو کان وڌيڪ ڪرڪيٽرن رجسٽريشن ڪرائڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪري ڇڏي. جويهه ملڪن سان واسطو رکندڙ رانديگرن پنجن فرنچائز جي اسڪواڊ ۾ چونڊ لاءِ پنهنجي رجسٽريشن ڪرائي ورتي آهي. نامياري ڪرڪيٽرن، تميم اقبال، ٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: وفاقي وزير قانون اعظم نذير تارڙ سان مختلف وفد ملاقات ڪندي

غلام الله پرسان وحشي جوابدارن پاران نياڻي تي وحشياڻو تشدد، بيهوشي واري حالت ۾ قتو ڪري ويا

ستار کهيو، گلزار کهيو ۽ ٻين پاران سخت تشدد ڪري سنڌس ٽنگن ۾ لوهي سرين سان تشدد ڪيو

نياڻي کي بلاجواز تشدد ڪري معذور بڻائڻ بعد مرڻينگ حالت ۾ مئل سمجهي ڳوٺ پرسان قتو ڪري ويا

زخمي زاهده جو بيان رڪارڊ ڪري متاثر سخت زخمي نياڻي کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪرائي ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) غلام الله لڳ ڳوٺ چتو کهيو ۾ ناري زاهده کهيو تي تشدد ڪندڙ سنڌس مڙس گلزار کهيو کي غلام الله پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته واقعي جو مک جوابدار ستار کهيو ۽ سنڌس ساٿي گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ناري جي مڙس گلزار کهيو کي گرفتار ڪرڻ ڪانهو، پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري ته ڪئي وئي آهي ۾ پوليس پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پرياسٽي جي ڳوٺ ماڻڪ خاصخيلي جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

محمد حسين خاصخيلي - شيرخان خاصخيلي نظيراحمد احمد - حضور بخش جي اڳواڻي ۾ ريلي

ڏوهن ۾ ملوث نوجوان غلام مصطفي خاصخيلي ڳوٺ وارن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڊرامي جي انڪوائري ڪرائي اوباش نوجوان کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پرياسٽي جي ڳوٺ ماڻڪ خاصخيلي جي 50 ڪان مٿي ڳوٺاڻن فقير ميرحسن خاصخيلي علي گل خاصخيلي محمد حسين خاصخيلي شيرخان خاصخيلي نظيراحمد احمد حضور بخش ۽ عبدالڪريم خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ جي اوباش نوجوان غلام مصطفي خاصخيلي جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺ جي لنڪ روڊ تي سخت احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: ڳوٺ ماڻڪ خاصخيلي واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر،

ڊيزائن اينڊ هيريٽيج طرفان ٽن آرٽ

يونيورسٽين سان معاهدو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج سکر طرفان ملڪ جي ٽن آرٽ يونيورسٽين سان گڏيل سهڪار (Consortium) جي معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. هي معاهدو ٻن ڏينهن جي پهرين علمي ڪانفرنس جيڪا "سنڌو ماٿري جي تهذيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

جڏهن سنڌ سرڪار چوي ٿي ته ڪچي ۾ آپريشن لاءِ فوج موڪلي سگهجي ٿي: محسن نقوي

ڪشمور، گهوٽڪي ۽ شڪارپور ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءُ ڪٽي سگهي

ڪچي ۾ آپريشن لاءِ صوبائي حڪومت جيڪا به مدد طلب ڪندي اها فراهم ڪنداسين، گڏجي ڪم ڪنداسين

عوام جي نادرا آفيس ۽ پاسپورٽ آفيس جي حوالي سان مسئلا درپيش آهن، نادرا آفيس کي شهر اندر منتقل ڪيو ويندو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته جڏهن سنڌ سرڪار چوي ٿي ته ڪچي ۾ آپريشن لاءِ فوج موڪلي سگهجي ٿي، گهوٽڪي ۽ شڪارپور ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مڪلي لڳ درگاهه محمد علي

شاهه جي پورهيت پاران ڏيءَ کي

زخمي ڪندڙن خلاف احتجاج

ٺٽو (رپورٽر) مڪلي لڳ درگاهه محمد علي شاهه جي پورهيت پاران ڏيءَ کي زخمي ڪندڙن خلاف احتجاج ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ پيپلز هاري ڪميٽي ضلع سانگهڙ جي هاري ڪانفرنس: باردانو نه پيو ڏنو وڃي: محبوب زرداري

سنڌ ۾ هارين ۽ آبادگارن کي باردانو نه پيو ڏنو وڃي، فوڊ ڊپارٽمينٽ باردانو رشوت وٺي ڪپائي رهيو آهي

سنڌ ۾ سرپلس پاڪي هجڻ باوجود ٽريڊنگ ڪري آبادگارن کان رشوت ورتي پئي وڃي: تاج منگريو

شهدادپور (رپورٽ اياز پنهور) سنڌ پيپلز هاري ڪميٽي ضلع سانگهڙ جي هاري ڪانفرنس ضلعي صدر محبوب زرداري جي صدارت ۾ پيپلز هاري ڪميٽي جي ٿي، جنهن ۾ هارين ۽ آبادگارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏهرڪي ڳوٺ محراب سميجو ۾ زميني تڪرار تان قتل ٿيل ڳوٺاڻي جي وارثن پاران احتجاج

زميني تڪرار تان 6 ڏينهن اڳ قتل ٿيل دوست علي سميجو جي وارثن احتجاجي مظاهرو ڪيو

مقتول جي وارثن پاران ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نتهڻ اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو

ميرپور ماٿيلو پوليس جوابدارن کي اڃا تائين گرفتار ناهي ڪيو جيڪي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: الزام

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ڳوٺ محراب سميجو ۾ زميني تڪرار تان 6 ڏينهن اڳ قتل ٿيل دوست علي سميجو جي وارثن جو ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو، نتهڻ اس ۾ ڌرڻو، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇتي نعريبازي، جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو پرسان ڳوٺ محراب سميجو ۾ زميني تڪرار تان 6 ڏينهن اڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهيد بينظيرآباد ۾ بجلي جي چوري کي روڪڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ انفورسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس

ڊسٽرڪٽ انفورسمينٽ ڪميٽي شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

درخواست تي فوري ڪاروائي ڪندي ايف آئي آر داخل ڪرڻ ڪانپوءِ انهن کي گرفتار ڪيو وڃي: ڊي سي

انفارميشن آفيسر اعجاز علي ٽيوٽو، سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين ڪميٽي ميمبرن شرڪت ڪئي

سڪرنڊ (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر /ڪنوينر ڊسٽرڪٽ انفورسمينٽ ڪميٽي شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ بجلي جي چوري کي روڪڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ انفورسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس اڄ سنڌس آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين لڳ ڳوٺ سونوخان سيال

جي ڳوٺاڻن پاران بااثرن خلاف

احتجاجي مظاهرو

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) بدين لڳ ڳوٺ سونوخان سيال جي ڳوٺاڻن حاجي ملاح مسمات نجما ۽ ٻين ڳوٺاڻن نيشنل پريس ڪلب بدين جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو ته اسان ڳوٺ جا با اثروڏيرا الطاف سيال جاويد سيال پير بخش سيڪار ۽ عامر سيال اسان کي تنگ پوليس ذريعي پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوابشاهه: ڊي سي شهريار گل ميمڻ ڪونايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ قائم آئل ۽ گيس فيلڊن مان رائيلٽي جي مد ۾ فنڊن ۾ ڪرپشن خلاف احتجاج

فنڊن ۾ خرد برد ٿيڻ واري عمل خلاف شهري اتحاد پاران احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

رقم جيڪا عوام جي ڀلائي واري ڪمن تعليم ، صحت ، روڊ رستن تي خرچ ڪرڻ لاءِ هوندي آهي: اڳواڻ

سم نالن ۽ واهن مٿان پلون نه هئڻ سبب ڳوٺاڻا پيارن جا جنازا به ٻيڙين ذريعي کڻي قبرستان پهچن ٿا

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ قائم آئل ۽ گيس فيلڊن مان رائيلٽي جي مد ۾ ملندڙ ڪروڙين روپيه بجيٽ جي صورت ۾ ملندڙ رقم عوام جي ڀلائي واري ڪم ۾ استعمال ٿيڻ بجاءِ خرد برد ٿيڻ واري عمل خلاف شهري اتحاد پاران احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي اهڙي خيالن جو اظهار شهري اتحاد ضلعي ٽنڊومحمد خان جي صدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ احتجاج

ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگڙ، ضلعي اليڪشن ڪاميٽي ميمبرن پاران ريلي

ساگر يوسف منگي، يونس راڄپر، علي نواز سولنگي، اسد وسطڙو، شاهد چنڙ، خادم سيال شريڪ

پريا ڪماري جن به ظالم هٿن ۾ آهي انهن کان بازياب ڪرائي ماءُ جي حوالي ڪئي وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت شاخ نوشهروفيروز پاران معصوم پريه ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگڙ، ضلعي اليڪشن ڪاميٽي ميمبرن سبحان سوز جتوئي ۽ امجد ميمڻ سميت شاخ نوشهرو فيروز جي عهديدارن ميمبرن ساگر يوسف منگي، يونس راڄپر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

صحافين جي تنظيم يونين

آف جنرلسٽس تعلقه پرياسٽي

جون چونڊون ٿي گذريون

نوشهرو فيروز(ڊ ر) صحافين جي تنظيم يونين آف جنرلسٽس تعلقه... پرياسٽي جون چونڊون آفتاب ڪيريو صدر چونڊجي ويو صحافين جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي ڪين اڪيلو نه ڇڏيو ويندو . آفتاب ڪيريو خبر موجب پرياسٽي ۾ يونين آف جنرلسٽس ضلعي صدر زاهد قائمخاني جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مزدورن ۽ پورهيتن جو قدر ڪري سائين عزت ڀري انداز ۾ پيش اچڻ گهرجي: رضوان گل

مزدورن جي قربانين جي نتيجي ۾ مليو جيڪو هڪ ٿي وقت سموري دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو

اسان سڀ مزدور آهيون جيڪي به جسماني پورهيو ڪري ان جو معاوضو وصول ڪيون ٿا: عابد حسين

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پهرين مئي مزدورن جي عالمي ڏينهن تي گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ڪونايل تقريب کي خطاب ڪندي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر رضوان گل چيو آهي ته اسان کي مزدورن ۽ پورهيتن جو قدر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

لاڙڪاڻو: گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج ۾ ڪونايل سيمينار کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ ملاح فورم ٺٽي جي اڳواڻن پاران گلشير ميربحر جي گهر تي چڙهائي خلاف احتجاج

ڏاڏا آدم گندرو، محمد ايوب ملاح، محمد خان ملاح، عبدالڪريم الهبخش احتجاجي مظاهرو ڪيو

حملو ڪندڙ منشيات فروشن جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سائنس انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٺٽو(ٻر) سنڌ ملاح فورم ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن ڏاڏا آدم گندرو، محمد ايوب ملاح، محمد خان ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراثي، سردار فيصل ملاح ۽ ٻين پاران سجاول جي سينئر صحافي گلشير ميربحر جي گهر تي گذريل رات دير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج بدين غلام رسول سومرو جي ضمانت رد ڪري ڇڏي

حاجي قاسم ابڙو جي چيئرمين غلام رسول سومرو جي ضمانت واري درخواست رد

بدين پوليس کي جوابدار کي گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو

بدين(رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج بدين جي عدالت پ پ پ بدين سٽي جي صدر ۽ يونين ڪائونسل حاجي قاسم ابڙو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غوٽپور لڳ جمال ٽاٽي جي حد ڳوٺ پرتو ملڪ جو رهواسي چاچي هٿان ڀائيٽو قتل

چاچي موٽر سائيڪل تي سوار لعل بخش ملڪ کي پستول جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو

قتل ٿيل پاڻ لعل بخش ملڪ جو اڄ نڪاح رکيل هو، سڱ تان چاچي پاڻ کي قتل ڪيو: پاڻ

غوٽپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوٽپور لڳ جمال ٽاٽي جي حد ڳوٺ پرتو ملڪ جو رهواسي نوجوان لعل بخش ملڪ موٽر سائيڪل تي گهر پئي ويو ته رستي ۾ چاچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پي ٽي آءِ وارن اڳ به ڌرڻو هنيو پر پوءِ به حڪومت پنج سال پورا ڪيا: خورشيد احمد شاهه

ڌرڻن سان حڪومت ناهي ويندي پي ٽي آءِ کي ته اسان پارليامينٽ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني هئي

60 هزار وارو وڪيل ڪي ڪيس وڙهڻ جي صلاحيت ناهي سپريم ڪورٽ هو صرف تاريخ ڏئي سگهي ٿو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي سينيئر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه سڪر ۾ احتساب عدالت ۾ پيشي بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جو گهارو شهر سميت مختلف علائقن جو دورو، عملدارن کي بريفنگ

ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو گهارو شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري مشاهدو ڪيو

منور عباس مصروف پوليو ورڪرن سان ملاقات ڪري ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ واري عمل جي نگراني ڪئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو گهارو شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري پوليو ويڪسينيشن جو مشاهدو ڪيو ۽ پوليو ٽيمن جي اڳڀرائي جو پڻ جائزو ورتو هن مصروف پوليو ورڪرن سان ملاقات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو: ڊي سي منور عباس سومرو پوليو مهم جو جائزو وٺي رهيو آهي

ملير ۾ ٽائون ڪيڊٽ ڪاليج ۾ سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيندڙ پورهيت فوت ٿي ويو

پورهيت اسلم ملاح زخمن جا سور نه سهندي فوت، مرحوم جي تدفين اسٽيل ٽائون قبرستان ڪئي وئي

فوتي جي اسلم ملاح جي پونيئرن ۾ هڪ بيواهه، ڌيءُ ۽ پٽ سوڳوار ڇڏي ويو آهي، وارثن سان تعزيت جاري

ملير (رپورٽ فاروق پنهور) اسٽيل ٽائون ڪيڊٽ ڪاليج ۾ سلينڊر ڌماڪي ۾ سڙي زخمي ٿيل اسٽيل مل جو پورهيت اسلم ملاح اسپتال ۾ فوت ، پورهيتن جو انتظاميا خلاف احتجاج عملدارن خلاف قتل ڪيس داخل ڪرڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز بجلي چوري جي روڪٿام واري قانون تحت قائم انفورسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس

حبيب الله پنهور، ضلعي انفارميشن آفيسر محمد موسيٰ گونڊل، ڊي ايس پي سٽي عبدالله لاکير شريڪ

بجلي چوري کي روڪڻ لاءِ ملڪي سطح تي قدم کنيا پيا وڃن، شهري اسان سان سهڪار ڪن: ڊي سي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) بجلي چوري جي روڪٿام واري قانون تحت قائم ضلعي انفورسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ ٿيو حبيب الله پنهور ضلعي انفارميشن آفيسر محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: ڊي سي محمد ارسلان سليم ڪونايل اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد پاران تعلقي سڪرنڊ جي مختلف علائقن جو دورو ڪري جائزو

محمد سجاد حيدر شاهه، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري سان گڏ دورو ڪيو

لاڏائو قبيلي ۽ سرن جي ڀٺن تي مزدورن جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو جائزو ورتو

سڪرنڊ (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر شاهه، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري سان گڏ ضلعي ۾ جاري پوليو خلاف مهم جو جائزو وٺڻ لاءِ سڪرنڊ تعلقي جي مختلف علائقن جو دورو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهدادپور جتيا علائقي مزاحمت تي گولين هٿي قتل ڪيل مستري جو لاش مٽي ماءُ حوالي

ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي گولين هٿي قتل ڪيل سرور راجپوت ۽ زال کي تدفين تي

پوليس پاران سنڌس مذڪوره گهر کي سيل ڪيو ويو، علائقي ۾ خوف ۽ هراس جي فضا برقرار

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور جتيا علائقي ۾ مبينا ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي گولين هٿي قتل ڪيل مستري سرور راجپوت ۽ سنڌس گهر واري ڪوثر راجپوت جي مڙهه کي سوين آلين اکين سان شهدادپور جي مقامي قبرستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پوليس جو مدئجي ڪچي ۾ ڌوهارين جي خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ۾ وڏي ڪارروائي، انعام يافتا ڌوهاري گرفتار

ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي هدايتن تي پوليس پاران ڪارروائي ڪري گرفتاريون ڪيون ويون

مقابلي دوران انعام يافتا ڌوهاري بروهي تيغاڻي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث آهي: پوليس

ڌوهاري ڪيترو به لڪي وڃي پر قانون جي گرفت کان بچي نٿو سگهي، ڏوهن کان پاڪ ضلعو بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جو مدئجي ڪچي ۾ ڌوهارين جي خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ۾ وڏي ڪاميابي، 15 لک روپيا انعام يافتا ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعوي، شڪارپور پوليس موجب ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون کي اطلاع مليو ته ڌاڙيل ڪچي کان مدئجي واري علائقي ۾ اغوا ۽ ڦرجي نيت سان داخل ٿي رهيا آهن. اطلاع ملندي ئي ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خيرپور ناٿن شاهه ۾ رائيس ڪئنال ،نارا ڊسٽري ۽ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن جي ڪاٽي لاءِ احتجاج

آبادگارن پاران مير حسن کان 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري شهر جي مک چوڪ ويگن اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو ويو

ڪٽڻ شاخ، خداواهه، ڪالرا شاخ پيچاهو شاخ سميت ٻين شاخن جي آبادگارن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

نڪرندڙ شاخن جي ڪاٽي لاءِ پنج ست مشينون لاهي جلدي ڪاٽي ڪرائي آبادگارن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) رائيس ڪئنال ،نارا ڊسٽري ۽ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن جي ڪاٽي لاءِ آبادگارن جو مير حسن کان 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري شهر جي مک چوڪ ويگن اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو ويو تفصيل موجب، رائيس ڪئنال ،نارا ڊسٽري ۽ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن جي ڪاٽي لاءِ آبادگارن جو مير حسن کان 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪي اين شاهه: مختلف شاخن جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف آبادگار جدوجهد ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ڪوٽ ۾ بدامني جي باهه

ڀڙڪيل، ڏينهن ڏٺي جو سبزي

منڊي مان موٽرسائيڪل چوري

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل ڏينهن ڏٺي جو سبزي منڊي مان شهري جي موٽرسائيڪل چوري، خبر موجب ٺٽون ڪوٽ جي سنتورو بازار ۾ سبزي منڊي ٻاهران بيٺل شهري جيرام ڪولهي جي نامعلوم چور موٽر سائيڪل کاهي فرار ٿي ويا، موٽر سائيڪل چوري جا سي سي ٽي وي فوٽيجز سامهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سانگهڙ پوليس ٽاسڪ فورس جون منشيات خلاف ڪارروايون، 530 ليٽر شراب ۽ هٿيار هٿ

530 ليٽر شراب، گٽڪي جون سوين پڙيون، 01 بندوق، 01 رائفل ۽ 01 ٽي ٽي پستول به هٿ ڪيا ويا

ٽاسڪ فورس جي اڳواڻ ايس ڊي پي او ٽنڊو آدم محمد موسيٰ ابڙو جي سربراهي ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

شراب جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ 02 ڪارون ۽ موٽرسائيڪلون پڻ قبضي پوليس ۾ ورتيون ويون آهن

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ پوليس ٽاسڪ فورس جون منشيات خلاف ڪارروايون، 10 لک انعامي جوابدار لطيف عرف رفيق رند گرفتار ڪيل 14 اقدام قتل، پوليس مقابلي، چوري ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ سميت ڪيترن ئي ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز آل سنڌ پيپلز

پيراميڊيڪل اسٽاف يونٽ سول

اسپتال پاران اڳواڻن کي مبارڪون

نوشهرو فيروز (رپورٽر) آل سنڌ پيپلز پيراميڊيڪل اسٽاف يونٽ سول اسپتال نوشهرو فيروز جي صدر سعادت حاصل ڪري اڳواڻن کي مبارڪون ڏنيون ويون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سانگهڙ: پوليس پاران گرفتار ڪيل انعام يافته ڌاڙيل لطيف عرف رفيق رند

ٽنڊوباگو جي رهواسي مير حيدر علي ٽالپر جي زمين تي بااثرن پاران قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

وحدت المسلمين پاران نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

زمين تي بااثر ماڻهن طرفان ڪيل قبضو فوري طور ختم ڪرائي ڪيس زمين واپس ڪرائي ڏني وڃي: مطالبو

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊوباگو جي رهواسي مير حيدر علي ٽالپر جي زمين تي بااثرن پاران قبضي خلاف وحدت المسلمين پاران نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏهرڪي اينگرو پاڻ فيڪٽري انتظاميا پاران ڌارين جي لوڊ گهرائڻ خلاف ڊي سي وٽ درخواست داخل

شهري ايڪشن ڪاميٽي جي ورڪرن طرفان ڊي سي گهوٽڪي کي درخواست ڏني وئي جنهن نوٽيس ورتو

ڊي سي انتظاميه کي فورن مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

شهري ايڪشن ڪاميٽي ميرپور ماٿيلو طرفان اينگرو جي مين گيٽ اڳيان پرامن ڌرڻو هٽنداسين: پرويز بوزدار جون ڳالهيون

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: اينگرو انتظاميا پاران هلنڊڙ شٽ ڊائون ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ٻين صوبن مان ڌارين جي لوڊ گهرائڻ خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي جي ورڪرن طرفان ڊي سي گهوٽڪي کي درخواست ڏني وئي هئي جنهن تي ڊي سي گهوٽڪي نوٽيس وٺي انتظاميا کي فورن مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ لاءِ نوٽيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير ۾ استادن طرفان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ملير جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو

مانيٽرنگ اسسٽنٽ سيف الله سومرو استادن سان بداخلاقي ڪري ٽوجعلي رپورٽ ناهي ٿو: مظاهرين

چيف مانيٽرنگ آفيسر فراز عباسي خلاف استادن يوسف بلوچ نادر ميمڻ غلام سرور گورگيج جي اڳواڻي ۾ احتجاج

نوٽيس وٺي نياڻين جي اسڪول تي قبضو ڪري پنهنجي آفيس ناهي آهي اهو قبضو فوري طور تي ختم ڪيو وڃي: مطالبو

ملير(ٻر) مانيٽرنگ اسسٽنٽ کي هٽايو استادن طرفان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ملير جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو نعريبازي، مانيٽرنگ اسسٽنٽ سيف الله سومرو استادن سان بداخلاقي ڪري ٽوجعلي رپورٽ ناهي استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

تحريڪ لبيڪ پاڪستان

ضلعي ٽنڊو محمد خان پاران

ورڪرز ڪنوينشن منعقد

ٽنڊومحمدخان (ڊ مظفر علي بروهي) تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي ٽنڊو محمد خان پاران ورڪرز ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ناظر اعليٰ سنڌ صوفي يحيٰ قادري ، رابطا تنظيم سنڌ غلام ياسين ۽ ايڊووڪيٽ سليمان سروري خاص شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ضلعي ٽنڊو محمد خان جي سرپرست اعليٰ پير محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ملير: مانيٽرنگ اسسٽنٽ خلاف استاد احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ ٻگومل جي بااثر زميندار جي زيادتين خلاف ڪولهي برادري پاران احتجاج

ڳوٺ ٻگومل جي بااثر زميندار ساجد آرائين، يونس آرائين، رمضان آرائين ۽ سيف الله خلاف ريلي ڪڍي وئي

ڳوٺ ڪمال بوزدار جي رهواسين رتنو ڪولهي، مصري ڪولهي، ورمون ڪولهي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ ٻگومل جي بااثر زميندار جي زيادتين خلاف ڪولهي برادري جي ماڻهن جو ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاج. خبر موجب ٽنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ ٻگومل جي بااثر زميندار ساجد آرائين، يونس آرائين، رمضان آرائين ۽ سيف الله آرائين جي زيادتين خلاف ڳوٺ ڪمال بوزدار جي رهواسين رتنو ڪولهي، مصري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽون ديرو ۾ مکيه روڊن، بازار ۽ مارڪيٽن اندر وڏي ويل غيرقانوني حد دخلين سبب پريشانيون

چيئرمين عبدالخالق پتو جي هدايتن تي ميونسپل ايڊمنسٽريشن انچارج پاران ڪارروايون ڪيون ويون

ميونسپل روڊ، صدر چوڪ، الله وارو چوڪ، شاهي بازار، فروٽ ۽ سبزي مارڪيٽن، اسٽيشن روڊ تي آپريشن

سامان تحويل ۾ ورتو ويو، حد دخليون هٽائڻ دوران دڪاندارن ۽ ريڙهي وارن ملازمن سان منهن ماري پڻ ڪئي

ٺٽون ديرو (رپورٽر) ٺٽون ديرو ۾ شهر اندر مکيه روڊن، بازار ۽ مارڪيٽن اندر وڏي ويل غيرقانوني حد دخلين جي شڪايتن تي ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين عبدالخالق پتو جي هدايتن تي ميونسپل ايڊمنسٽريشن انچارج حافظ مشتاق احمد ڪوريجو، منصور ڪوکر، شيراز سومرو جي اڳواڻي ۾ ميونسپل عملي شهر جي مکيه روڊن ميونسپل روڊ، صدر چوڪ، الله وارو چوڪ، شاهي بازار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽون ديرو: شهر ۾ حد دخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

شهدادپور ۾ پهريون شهيد

وسيم بلوچ انٽر ڊويزنل فٽبال

ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ۾ پهريون شهيد وسيم بلوچ انٽر ڊويزنل فٽبال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو جنهن سلسلي ۾ اڄ ينگ اسٽار ٽنڊو آدم ۽ ينگ مسلم شهدادپور دوران ميچ کيڏيو ويو جنهن جي پهرين هاف ۾ ينگ مسلم شهدادپور هڪ گول جڏهن ته ٻئي هاف ۾ ينگ مسلم شهدادپور هڪ گول ڪيو جنهن مطابق ينگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع ڀهرين مئي 2024ع

سنڌ رڳو پاڻي کوٽ چو ڀوڳي!؟

سنڌ سان هر دور ۾ جن ٻن معاملن تي وڌ کان وڌ زيادتي ٿيندي رهندي آهي انهي ۾ هڪ پاڻي ۽ ٻيو ناڻي وارا معاملا آهن. 91 ع واري پاڻي ٺاهه کانپوءِ اهو آسرو پيدا ٿيو هو ته سنڌ جي شڪايتن جو ڪجهه ازالو ٿيندو. توڙي جو گهڻا ماهر انهي 91 واري ٺاهه کي به سنڌ سان مڪمل انصاف نه سڏي رهيا هئا پر پوءِ به ان کي گهٽ ۾ گهٽ بهتر سمجهيو پئي ويو پر انهي 91 واري ٺاهه تي ڪڏهن به عمل نه ٿي سگهيو ۽ سنڌ سان پاڻي واري معاملي تي زيادتي ساڳي طرح برقرار رهي. ڪڏهن پاڻي ورڇ لاءِ تاريخي فارمولا آندو ويو ته ڪڏهن "ٽين ڊيليز" ذريعي پاڻي جي ورڇ ٿيندي رهي. پنجاب جيئن ته مهڙ ۾ آهي انهي ڪري سدائين اهو پنهنجي حصي جو مڪمل پاڻي کڻي پوءِ سنڌ ڏانهن پاڻي موڪليندو رهيو ڪڏهن ڪڏهن ته حصي کان به وڌيڪ پاڻي کڻي سنڌ جي فصلن کي ڪاپاري ڌڪ رسائيندو رهيو. نه ارسا ڪجي سگهي نه ئي سنڌ حڪومتون يا ارسا ۾ ويٺل سنڌ جا نمائندا پنهنجو ڪيس سٺي نموني وڙهي سگهيا جنهن ڪري هن وقت سنڌ جي ڪيترن علائقن ۾ فصل پوکڻ ته پري جي ڳالهه ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي به نٿو ملي.

سنڌ هن وقت به پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي پڇڙي جي ڪيترن علائقن ۾ ربيع جو فصل پوکجي نه سگهيو جتي ڪڻڪ پوکي وئي اها نسرڻ کانپوءِ ٻيو پاڻي نه ملڻ ڪري سڪي وئي ،ربيع ۾ سرڪاري طور 38 سيڪڙو کوٽ جو اعتراف ڪيو ويو پر اصل ۾ اها کوٽ ذري گهٽ پنجاهه سيڪڙو تائين هئي جنهن ڪري زراعت سان لاڳاپيل سيني ماڻهن کي وڏي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو ربيع وارو نقصان سنڌ سنڀالڻ ۾ پوري هئي ته وري خريف ۾ کوٽ جا خدشا سامهون آهن ،عمومي طور 15 مارچ کانپوءِ سنڌ ۾ خريف جي سيزن شروع ٿي ويندي آهي پر سرڪاري طور انڪي پهرين اپريل کان ڳڻيو ويندو آهي ،انهي کي به هفتو گذري ويو آهي پر ارسا خريف جي پلان لاءِ پنهنجي ايڊوائيزري ڪميٽي جو اجلاس 8 اپريل تي گهرايو آهي جڏهن ته اصولي طور اهو اجلاس اڌ مارچ دوران ٿي ٿيڻ گهرجي ها جنهن ۾ پاڻي جي موجود مقدار جو ڪاٿو لڳائي ورڇ طئي ڪئي وڃي ها ته جيئن صوبا انهي حساب سان تياري ڪن ها.جيئن ته اهو اجلاس هاڻي 8 اپريل تي ٿيڻو آهي جنهن ۾ فيصلي ڪرڻ کانپوءِ پاڻي پهچندي پهچندي 15 اپريل ٿي ويندي جنهن جو مطلب ٿيو ته 15 مارچ کان شروع ٿيل خريف کي 15 اپريل يعني مهينو پوءِ پاڻي ملي سگهندو جنهن ڪري خريف جي فصل کي به نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي ،انهي کانسواءِ فني ڪميٽي جيڪي سفارشون طئي ڪيون آهن انهي تحت پاڻي ورڇ ته رکي فارمولا تحت ڪئي ويندي جنهن جو مطلب ته کوٽ رڳو سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ ورهائي ويندي ،اها تاريخ رهي آهي ته پلي ڪاغذن ۽ فيصلن ۾ کوٽ پنجاب ۽ سنڌ ۾ ورهائي وئي هجي پر زميني حقيقتن مطابق پنجاب پنهنجي حصي جو پاڻي کڻي ويندو آهي ۽ سنڌ کي حصي کان به وڌيڪ کوٽ ڀوڳڻي پوندي آهي.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ حڪومتءِ ارسا ۾ سنڌ جي ميمبر کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي وٺڻ لاءِ ڀرپور نموني سان تياري ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ جو ڪيس ڀرپور نموني وڙهڻ گهرجي جڏهن سنڌ ۾ آبپاشي وزير به آهي ۽ آبپاشي لاءِ صلاحڪار به آهي ته چا اهي رڳو عوام جي پئسي تي بار هوندا يا سنڌ جي حصي جي پاڻي وٺڻ لاءِ پنهنجي ذميواري به نڀائيندا.؟

ڪڻڪ جي قيمتن ۾ گهٽتائي هارين جو علامتي جنازو

ساقي ارشاد لوڙ

هاريءَ جي زمين ۾ ،جيتري تائين سنڌس نظر ويندي اٽس جتي اکين تائين زمينون پکڙيل هونديون اٽس اتي جڻ ته سنڌس فصل نه هن جي زندگيءَ جي هر حصرت خواهش پنهنجي کهول جي هر خوشي جڻ ته ان زمين ۾ پوکيل هوندي اٽس ، ۽ هو پنهنجون سموريون خواهشون ان فصل سان گڏ پڻيءَ ۾ پوکيندو رهندو آهي اوتري تائين جيسي تائين سنڌس فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ نه اچي. ۽ اتي ئي (مارڪيٽ) ۾ وڏي خاموشيءَ سان سنڌس جنازي جو جلوس ڪڍيو ويندو آهي. جوورو هو سڄي سال لئي نئين سري سان قرضي ٻڌجي ويندو آهو ٻج پاڻ ٽيڪٽر جا هر ڳاهه ٽريشر مزدوري ڪيڻ کان پوجڏهن هن جي کيسي ۾ رهجي ويندیون آهن صرف اڻپوريون حصرتون ٽٽل خواب جيڪي تعبيرن کان محرومين جو موت مري ويندا آهن بارحال. هي جنازو ڪنهن هڪ روح جو نه آهي. هڪ جسم جو نه هوندو آهي پر سڄي کهول جي زندگين جو هوندو آهي۔ هاريءَ جي روزي جو هن علامتي جنازي جو سبب؟ ڪڻڪ جي قيمتن ۾ مسلسل گهٽتائي. جيڪو خنجر حڪومت وقت سنڌس سيني ۾ گهوپي ڇڏيو ان زخم جي سور سان گڏ سنڌس فيملي ۽ انهن جي ننڍڙي ارمانن خواهشون پڻ آهستي آهستي مري وينديون آهن.

هاري ڪڙمي نسلن کان اڄ تائين. دنيا کي کارائڻ لاءِ تتل سج جي هيٺان محنت ڪندا آهن. انهن جا هٿ سڙيل هوندا آهن. انهن جي پڇيون ذميواري جي وزن سان جهڪيل هونديون آهن. اهي ڏڪار، ٻوڏ ۽ موذي مرضن ۾ صبر ڪندي سسڪي بلڪي تڙپي مرندا رهيا آهن. هو ازل کان محنتن باوجود پنهنجي منزل ماڻي نه سگهيا آهن هو پاڻ کي سدائين نراسائي جي کوهه ۾ گهوتا کائيندي محسوس ڪندا رهيا آهن هو پاڻ کي مايوسي جي چوٽي تي بيٺي ڏسندا آهن جيئن فصل (ڪڻڪ) جي قيمتن ۾ ڪمي آئي جڻ ته سندن دل جي ڌڙڪن ئي رڪجي وئي هجين ۽ هو هڏڪيون ڏيڻ لڳا سندن خواب ٽٽي پيا خواهشون مري ويون جذبا ٿڌا ٿي ويا فصل (ڪڻڪ) جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪڙمين ۽ هارين لئي رڳو معاشي بحران نه آهي. اهو هڪ اخلاقي بحران آهي جيڪو اسان جي انسانيت جي بنيادي بنياد تي حملو ڪري ٿو. اهو هارين ۾ رکيل اعتماد جي خيانت جي نمائندگي ڪري ٿو. انهن جي محنت جي قيمت جو خاتمو. ۽ هڪ معزز معيشت جي بنيادي حق کي نظرانداز ڪري ٿو.

هڪ پل لئي ته مونکي ڏاڍي حيرانگي ٿيندي آهي هڪ طرف حڪومت وقت بند پيل ادارن کي اربين رپيا سبسڊي ڏيندي آهي ته اوهان پنهنجي ورڪرن کي تنخاهون ڏيو ٻئي طرف غريب مسڪين حلال رزق ڪائيندڙ هاري کان سنڌس سڄي سال جي ڀورهيي جي قيمت اهي ايئن لڳائن ٿا جڻ ته ڪڙمي هاري پنهنجي ٻني ٻاري ۾ ڪم ڪيو ئي نه هجي هو ڪڏهن زمين تي رات جي گهگهه اونداهه ۾ جيت ٽي جان کي نقصان ڏيندڙ هزارين جانورن سان منهن ڏئي پنهنجي اولاد جيئن پنهنجي فصل کي فصل جي بک اڄ کي محسوس ڪري پنهنجي بک اڄ ترڪ ڪندڙ هاري جڻ سندن دسترس هجن جو هر حڪم عام عوام تي مڙهي هنن کي نراسا ڪيو ٻيو وڃي جيڪڏهن حڪومت وقت عوام کي ڪو اٽو سستو ڏيڻ چاهي ٿي ته پو سبسڊي ڏئي باقي هن مسڪين غريب هاري جيڪو هن وقت جي ماني به پيٽ ڀري نه کائي تن کي نراسائي جي کن ۾ چو ٿو اڇلايو وڃي.

مونکي ته هن مسئلي دل تي اهڙو فڪر ۽ پيچيده روڳ ويهاريو آهي. جو جنهن جو ازالو مشڪل لڳي ٿو هاڻ عالمي مارڪيٽ عالمي قوتن کان حڪومتي پاليسين ۽ ڪارپوريٽ مفادن تائين واپاري معاهدا جيڪي وڏين زرعي ڪاروباري جماعتن جي حق ۾ آهن. سبسڊيز جيڪي مارڪيٽ جي متحرڪ کي بگاڙين ٿيون. ۽ ڪاڏي (ڪڻڪ) جي قيمتن جي هيٺاهين حصو ورتو آهي. نتيجي طور. ننڍي پئماني تي هاري. اڳ ۾ ئي گهٽ نفعي جي مارجن تي ڪم ڪري رهيا آهن. ڏيوالپڻي جي ڪناري تي ٽنگيل رهجي ويا آهن.

هاريءَ جو روڳ ڳوناٽي حدن تائين محدود ناهي. ان جي گونج سڄي سماج ۾ گونجڻ لڳي آهي . جڏهن هاريءَ کي تڪليف ٿيندي . ته اسان جي کاڌي پيتي جو معيار بگڙي ويندو جڏهن هاريءَ کي پنهنجي زمين ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويندو. ته سڄو ماحولياتي نظام متاثر ٿيندو ۽ اسان جي ڌرتيءَ جو نازڪ توازن بگڙجي ويندو.

اڄ جڏهن فصل تيار ٿي ويو آ ته قيمتن ۾ ڪمي ڪئي وئي آ افسوس آ سندن حڪومت وقت جي حال تي جنهن اڄ قيمتون گهٽائي نه صرف هڪ هاري ڪڙمي مذدور جو علامتي جنازو ڪڍيو آهي هنن ڪڻڪ جي خريد فروخت جي قيمت طع چا طع ڪئي جڻ ته لڳي ٿو هو هارين تي ڪو احسان ڪندا هجن پر حقيقت ته هو هارين کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. دنيا جي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل گلوبلائيزيشن ورلڊ سڏجندڙ دنيا اندر هارين ڪڙمين جو اڄ به ٿيندڙ معاشي قتل عام جام ٿئي ٿو عجب جبر بي حسي وارو عمل آهي هن دور ۾. ڪڻڪ جي قيمتن ۾ گهٽتائي جا نتيجا انهن شعبن کان پري محسوس ڪيا ويا آهن جن مان ڪڻڪ جي ٻج پاڻ هر پاڻي تيل تي هاري ويچاري ڪيتري ئي لاڳت ڪرڻ بعد فصل اپايو آهي مگر مافيا جنهن کي سپلائي چين پڻ سڏجي ٿو زخيره اندوزن جو ٽولو جن جو هڪ طع شدع پروگرام پلان هوندو آهي ته شروعات ۾ گهٽ ريٽ ۾ فصل جي خريد ڪري ان کي زخيره ڪري پوءِ ڪجهه ڏينهن کان بعد جڏهن هاري جي هڙ خالي ٿي ويندي هاريءَ جي گندي خالي رهجي ويندي تڏهن ساڳيو فصل (ڪڻڪ) جي قيمت آسمان سان ڳالهائيندي ان وقت سڀ غريب مزدور هاري مسڪين ڏهاڙيدار جاگيردار يا ڪٿي چوان عالم انسان جيڪو زنده آ جيڪو ان ڪائي ٿو تن جي بک کي چو نه ڏٺو وڃي ٿو سندن بک ڏسي اٽو سستو چو نه ڪيو وڃي ٿو ته پو ان مان صاف واضع آهي ته هي ڍونگ صرف ۽ صرف هڪ مزدور جي مزدوري ڇنڻ خاطر آ مسڪين مظلوم کي مرڻ حاب ڪري ڇڏڻ آ هو خوراڪ جون شيون اسٽاڪ ڪري مارڪيٽن ۾ ريٽ گهٽ وڌ ڪرائي عام مسڪين هاري سان ناانصافي ڪري هن کي محرومين ۽ مجبورين جو شڪار ڪري هنجي زندگي تنگ ٻڻائي هن کي نفسياتي مريض بڻائيو پيو وڃي ۽ سماجي اڻ برابري کي وڌايو پيو وڃي.

اڄ به جيڪڏهن ماحول ۾ فزائي آلودگي کان ويندي اسان جي خوراڪ کي برقرار رکي اسان کي جيئڻ دان طور ڏيندڙ ڪو آهي ته اهو هڪ هاري آ جنهن پنهنجي پرواه نه ڪندي صرف فصل پوکي ٿو هزارين پيسا نقصان رسڻ بعد به ان اپائي ٿو ۽ اسان ۽ اوهان جو بکيو پيٽ ڀرڻ ڪارڻ ڏينهن را هڪ ڪري ٿو مگر اسان چا پيا ڪريون اسان ته سندس ظلم ٿيندي ڏسي خاموش تماشائي ٿي تاڙيو وڄائي رهيا آهيون نه هن جي ڪا تڪليف نظر اچي رهي آ نه هن جي ڪا ضرورت محسوس ڪري پئي سگهياسي بس جي نظر اچي رهي آ سا پنجيتاليه سوواري ڪڻڪ ٿي هزار ۾ ملندي پندرهن سئو مهينو بچندو اهڙا فرسوده خيال دماغ ۾ رکي پاڻ کي هن کان ڪٽي ڇڏيو آهي . هاريءَ ڳوناٽا ماحول جا معتبر اهنجاڻ آهن انمول هيرا آهن آءِ سوچان ٿو ته هاڻ ته وڪيل گروهن ۽ سماجي سياسي پاليسي سازن کي سندن سارلهڻ گهرجي هاڻ ته هنن جي حقن ڪارڻ آواز سربلند ڪرڻ گهرجي هنن لاءِ ڪا قانون سازي ڪرڻ گهرجي سندن ٿيندڙ ظلم تي ڪو آواز اٿارڻ گهرجي منصفاڻي واپار جي عمل کي فروغ ڏيڻ جي شروعاتن کان وٺي زرعي سڌارن جي حمايت ڪندڙ تحريڪن کي متحرڪ ٿيڻ گهرجي . زراعت جي پيشي کي عزت ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ گهرجي . ته جيئن هي ساوا ڪيت سدائين هرا ڀرا رهن هوائن ۾ هڳاءِ رهن ماحول معتبر ڪندا رهن . اڄو ته گڏجي آواز اٿاريون. اقتدار سنڀاليندڙن کان احتساب جو مطالبو ڪريون. ۽ هڪ اهڙي مستقبل لاءِ ڪم ڪريون. جتي هاريءَ کي پاسيرو نه ڪيو وڃي. پر اسان جي روزي جي سنڀاليندڙ جي حيثيت سان سنڌس هر طرح جو انصاف ڪيو وڃي . چاڪاڻ ته هاريءَ جي محنت سان ئي زمين ۽ انسانيت جي رشتي جي تقدير مظبوط آهي. ۽ انهن جي محبت ۾ هڪ روشن مستقبل جي ضمانت پڻ آهي.

پاڀوهي هيڪار، مون کان پڇيو سڄڻين:
اَلَسـتُ بِـرَبِّـڪُـم، چَـيـائـون جـنـهـن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا

نثار کوکر

’پاڪستاني ميڊيا ۾ جنهن وقت سموريون ڪمپنيون ميڊيائي ڪاروبار کي گهاٽي وارو سودو قرار ڏئي پنهنجو ڪم بند ڪري رهيون هيون يا حالتن کي ڏسندي اهو ڪاروبار بند ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيون هيون ان وقت علي قاضي جي سربراهي ۾ نئين اخبار مارڪيٽ ۾ آڻڻ جي جستجو جاري هئي. ان وقت يا ان لمحي جي اهميت صرف اهي ماڻهو ئي سمجهي سگهن ٿا جن مٿان هوائن جو زور هوندي به ڏيئو ٻاري روشني ڪرڻ جهڙو ڪم سونپيل هجي. جو ته ڪاروبار ته پيا به ڪوڙ آهن پر ميڊيا وارو پاسو ۽ سنڌ دوستي وارو پاسو ڪير ڪيئن ڇڏي ۽ ڪيئن هٿ ڪڍي ويهي رهي ته معاملا جيئن جو تيئن هلندا رهن. ”پنهنجي اخبار“ جڏهن شروع ٿي ته ميڊيا جا سگهارا سيٺ اخباري صنعت جي پنهنجي پراڻي ساٿي مٿان هر محفل ۾ کلندي مليا ته يار ڪيترو ته چريو ماڻهو آهي جو هاڻي ٻيو اخبار ڪڍي. ٻين چيو قيمت به ڏس تمام سستي رکي اٿائين ۽ اخبار به رنگين پيو ڪڍي. ان مان ته خرچ به ڪونه نڪري سگهندس، وري ٽين ڊر چيو ابا پنهنجو نقصان پاڻ ٿو ڪري اسان جو ڇا. اسان ته پري کان ويهي تماشو ڏسنداسين ته ڪيئن هڪ ميڊيائي ٽائيٽينڪ پنهنجو پاڻ ٿو ٻوڙي. ۽ وقت ثابت ڪيو ته آهي صرف تماش بين ئي بڻيل رهجي ويا ۽ ”پنهنجي اخبار“ کانپوءِ جڏهن ”ٽائيم نيوز“ به مارڪيٽ ۾ اچي ويو ته اهو ٽائيٽينڪ ڪاميابي سان پنهنجو سفر جاري رکيون پئي آيو جنهنجي منفي نتيجن لاءِ ساڙ ررتل ماڻهن شرطون پئي لڳايون. پر وقت ۽ تمام ٿورڙي وقت ثابت ڪيو ته پنهنجي اخبار نه صرف جاري ٿي، سستي ۽ رنگين اخبار به ٿي ۽ مارڪيٽ ۾ ڪامياب به اهڙي وئي جو ڏهاڪن کان موجود ڪيترين ئي پراڻين اخبارن کان پنهنجو نالو، ساک ۽ سرڪيوليشن مٿي ڪٿي آئي. ”پنهنجي اخبار“ بابت پنهنجا منفي رايا ڏيندڙ تماشو ڏسندڙن کي به وڃي ڳالهه دماغ ۾ ڏڪاءِ ڪري ويٺي ته نه يار هي اخبار ته هلي پئي آهي ۽ جتي ڪٿي ان جو حوالو به ڏنو وڃي ٿو ۽ ماڻهو خريد ڪري پڙهي به رهيا آهن هونئن ڏسجي ته ”پنهنجي اخبار“ جي ڪاميابي جي ڪهاڻي واقعي ڪنهن معجزي يا اڻ ٿيڻي ڳالهه کان گهٽ ناهي.چو ته ميڊيا جي شاگردن کي معلوم آهي ته هاڻي پرنٽ ميڊيا ته چا خود اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ ميدان ۾ رهڻ ۽ رهي ڪامياب ٿيڻ واري سفر ۾ ڪيترا نه وڏا چئلينجز سامهون آهن هاڻي ان اخبار جو ماڻهو انتظار آخر چو ڪن جيڪا سڀاڻي صبح جو اچڻي آهي چو ته ٽي وي ميڊيا سميت سوشل ميڊيا ته انهن خبرن جو پورو آپريشن ڪري چڪي هوندي آهي.انهن سمورن سوالن ۽ چئلينجز تي ڌيان ڏيڻ بعد ”پنهنجي اخبار“ ۾ ڪجهه بهتر شيون شامل ڪيون ويون جيڪي اڳ ۾ پرنٽ ميڊيا کان شايد وقت يا جڳهه جي ڪمي جي سبب رهجي وينديون هيون. زرعي سماج سان لاڳاپيل ماڻهن ٻڌايو آهي ته ”پنهنجي اخبار“ ۾ جنسن جا اگهه ۽ جنسن بابت خبرون اچڻ سان انهن کي بروقت جاڻ ملي ٿي. جڏهن ته عدالتن ۾ هلندڙ مختلف ڪيسن جي حوالي سان سنڌ جي مختلف عدالتن ۾ روزانو پيش ٿيندڙ وڪيلن توڙي سائلين وري اجان هڪ ٻي ڳالهه ڪئي آهي ته جن عدالتي ڪاررواين کي اخباري دنيا اڳ ۾ نظرانداز ڪندي هئي هاڻي انهن کي ”پنهنجي اخبار“ سوچارو اسپيس ڏئي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي جنهن ڪري ڪنهن به عدالتي ڪارروائي بابت اسان کي ڪا معلومات وٺڻي هوندي آهي ته اها ”پنهنجي اخبار“ مان وٺندا آهيون. ”پنهنجي اخبار“ ۾ ڪالم ۽ خط ته شامل ڪيا وڃن ٿا پر سوشل ميڊيا تي ٿيندڙ بحث مباحثن کي به نظرانداز نٿو ڪيو وڃي. اخبار جو هڪ پورو صفحو انهن بحثن حوالي هوندو آهي جيڪي سوشل ميڊيا جي ايپس ٽوئيٽر يا فيس بڪ تي هلندا رهندا آهن انهن بحثن مباحثن ۾ سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ يا رايا ڏيندڙن جا فوٽو به ”پنهنجي اخبار“ ۾ ئي شامل هوندا آهن. جنهن ڪري اڪثر دوست اهي اخباري فوٽو ڪٽي سوشل ميڊيا تي شيئر ڪندا آهن ته ابا مون وارا ڪمينٽ يا رايا ايترا اهميت وارا اٿئو جو ”پنهنجي اخبار“ وارن به اهي منهنجي فوٽو سميت شايع ڪيا آهن. اخباري دنيا ۾ سوشل ميڊيا کي ان طرح سان ڏنل جڳهه ۽ اهميت سبب سوشل ميڊيا به اخبار کي ريفرنس طور استعمال ڪري رهي آهي.

”پنهنجي اخبار“ جي ڪاميابي واري سفر ۾ جڏهن ”ٽائيم نيوز“ چينل شامل ٿيو ته ان کي پڻ ساڙ سڙين تنگ نظري واري منفي نظرن سان ڏسڻ شروع ڪيو ۽ مختلف قسم جون اڳڪٿيون ڪرڻ لڳا. پر جڏهن ”ٽائيم نيوز“ جي نشريات شروع ٿي ته سنڌي ٻولي جو پهريون ايڇ ڊي چينل ڏسي سيني جا منفي رايا بند ٿي ويا ۽ سندن وات حيرت مان کليل رهجي ويا ته چا لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ به ايئن ممڪن آهي ته ڪو سنڌي چينل نئين سر شروع ڪجي ۽ ان جي رزلٽ ۽ مواد ايترو بهتر هجي جو ماڻهو ٻين چينلن کان وڌيڪ ”ٽائيم نيوز“ کي ڏسڻ پسند ڪن هاڻي جيئن ته سوشل ميڊيا جو به زور آهي تنهنڪري ”ٽائيم نيوز“ جي يوٽيوب چينل کي به بهتر ڪيو ويو آهي ته ويب سائيٽن کي پڻ بهتر کان بهتر ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن ”ٽائيم نيوز“ جي سٽ جا ساٿي وقت سر اهڙيون بريڪنگ نيوز ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون اسٽوريز آن ايئر ڪن ٿا جيڪي ماڻهو هفتن بعد به هڪ ٻئي کي واٽس ايپ ڪندا رهن ٿا.

”پنهنجي اخبار“ ۽ ”ٽائيم نيوز“ جي سٽ ۾ شامل سمورا ساٿي نه رڳو تجربيڪار پر نين آزمائشن کي منهن ڏيڻ ۽ نوان چئلينج قبول ڪرڻ جا ماهر ٿي ويا آهن تنهنڪري جيڪڏهن هاڻي به ڪنهن جي من ۾ اها پروپيگنڊا باقي آهي ته نئين اخبار هلي سگهندي يا نه يا نئون چينل هلي سگهندو يا نه ته اهو ”پنهنجي اخبار“ ۽ ”ٽائيم نيوز“ جي وڌندڙ ساک کي ڏسي وٺي. اميد آهي ته ڪيس يقين اچي ويندو ته ”ٽائيم نيوز“ توڙي ”پنهنجي اخبار“ نه رڳو صحافت جي سٺين ڏگ تي آهن پر اهي ڪاميابي طرف روان دوان قافلي جيان آهن جن کي پنهنجي منزل تائين هر حال ۾ پهچڻو آهي. سنڌي عوام کي ترت ۽ ساڪائتي معلومات فراهم ڪرڻ سان گڏ سنڌ ڪيس جو هر فورم تي دفاع ڪرڻ ”پنهنجي اخبار“ ۽ ”ٽائيم نيوز“ جي اوليتن ۾ شامل آهي. پنهنجي سٽ جي ساٿين ڪنهن به قسم جي لالچ يا خوف ۾ اچي سنڌ ڪيس کي اقتداري يوتارن جي رحم ڪرم تي نه اڳ ڇڏيو هو نه هاڻ ڇڏيندا. چو ته هي انهن صحافين جو قافلو آهي جيڪي سنڌ هجن يا جاڳ ۾ پر هميشه اهو ورد ڪندا رهندا ته سنڌ سان اهڙي جند جڙي جو پيا دل وارا وسري ويا.

تي آءِ باني سميت ڪنهن به پي ٽي آءِ اڳواڻ سان رابطو نه آهي. پي ٽي آءِ سان ڳالهين تي شبلي فراز ئي ڪجهه چئي سگهي ٿو پر 9 مئي سانحي جا جيڪي بيگناهه آهن انهن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته عدليه کي لفافن ۾ پائوڊر اماڻيا پيا وڃن هاري ۽ صنعتڪار روئي رهيا آهن اڄان تائين هڪ ڪلو ڪڻڪ به خريد نه ڪئي وئي آهي. جهازن ذريعي گهٽ ڪڻڪ گهرائي پئي وڃي. جهاز ڪراچي ۾ ڪڻڪ اڇلائي واپس وڃن پيا. نيب ڪڻڪ اسڪينڊل جو فوري طور تي نوٽيس وٺي.

بقايا 29 ***

نٿي ۾ به گرمي پد 40.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو ٻئي طرف گلگت بلتستان ۾ بابوسر ٽاپ، بنرگاهه ٽاپ ۽ فيري ميڊو سميت مٿانهين علائقن ۾ برفباري جاري آهي. چلاس کان گلگت سيڪشن شاهراهه قراقرم گندلو جو هنڌ ٽريفڪ جي لاءِ بند آهي. تازين برساتن سبب اپر ڪوهستان ۾ بند شاهراهه قراقرم جي بحالي جو ڪم به جاري آهي. مسافر ۽ سياح ديامر ۽ ڪوهستان جي هنڌن تي ڦاٿل آهن.

بقايا 30 ***

سائوٿي، رسي وين ڊر ڊوسن، جمي نيشم، مشفيق الرحيم، ريزا هينڊريڪس، ريلي روسو شاهه هوپ، تسڪين احمد، لونگي نگيڊي، نسيم شاهه، رحمان الله گرباز رجسٽريشن ڪرائي آهي. ان ڪانسواءِ نجم الحسن منرو ڪولن منتنو ايش سودي، مارڪ چيپمين، جيشن بهرندروف، آندري فليچر، اوشين ٿامسن، ڪيموپال ۽ فيبن ايلن شامل آهن. ٻين رانديگرن ۾ عثمان خواجا، تبريز شمسي، ايون ليوس، مجيب الرحمان، نور احمد، ريس ٽوپلي، افتخار احمد، محمد نواز، گلبدين نائب ۽ ابراهيم زدران جهڙا مشهور ڪرڪيٽر پڻ شامل آهن.

بقايا 31 ***

مندوخيل، جسٽس اطهر من الله، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس نعيم اختر افغان بئنچ جو حصو آهن. جڏهن ته حڪومت طرفان اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان دليل ڏنا. ٻڌڻي دوران اٽارني جنرل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جون تجويزون پڙهي ٻڌايون. چيف جسٽس پڇيو ته ڪهڙيون شيون آهن جيڪي هاءِ ڪورٽ جي اختيارن جي دائري ۾ نه ٿيون اچن، سيني هاءِ ڪورٽس کان تجويزون گهريون آهن. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اسان ڪنڊڪٽ سان ڊيڪلاريندااسين ته مداخلت آهي يا نه. ججن جو حڪم ناموڊيڪاري تي ٻڌائي ٿو ته ڪيتري مداخلت ٿي آهي ۽ ڪيتري آزادي آهي ڪيتري ناهي. اسان نٿا سمجهون ته مداخلت جو معاملو سنجيدگي سان نٿا وٺون. جسٽس اطهر من الله چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ ان ڳالهه کي مڃيو آهي. جيڪا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چئي. جسٽس منصور علي شاهه چيو اسان وٽ موقعو آهي ته ان معاملي کي حل ڪيون. اسان کي هاءِ ڪورٽس ۽ عدليا کي بااختيار بڻائڻو آهي. جسٽس جمال مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته اها رڳو مداخلت ناهي پر اسان جي ججن کي ٽارگيٽ ڪيو ويو. اسان نوٽيس ورتو اسان سان چا ٿي رهيو آهي. جسٽس منصور علي شاهه چيو اسان کي مداخلت سامهون رنڊڪ ٻيهارڻي پوندي. چيف جسٽس چيو جيڪڏهن منهنجي ڪم ۾ مداخلت ٿئي ۽ نه روڪي سگهان ته مون کي گهر وڃڻ گهرجي. جسٽس اطهر من الله چيو رياست کي عدليا جي آزادي جو تحفظ ڪرڻو آهي، مان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ رهيس ڪنهن مداخلت نه ڪئي. جسٽس بابر ستار سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سامهون آهي. ٻڌڻي دوران جسٽس نعيم اختر افغان چيو ته ملڪ ۾ ڪي ايجنسيون آهن اهي ڪهڙي قانون تحت ڪم ڪنديون آهن؟ آءِ بي، آءِ ايس آءِ ۽ ايم آءِ ڪهڙي قانون تحت ٺهيون. ايندڙ ٻڌڻي تي انهي ايجنسين جا قانون ٻڌايا وڃن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته منهنجي چيف جسٽس بڻجڻ کانپوءِ هڪ به شڪايت منهنجي رجسٽرار آفيس ۾ نه آئي ۽ اسان ماضي جي شڪايتن جو جائزو وٺي رهيا آهيون. اسان کي واقعا ٻڌايو. مان ڪيترن ئي واقعن ۾ ٻڌائي سگهان ٿو جڏهن مداخلت ٿي، طئي ڪري ڇڏيو ته اسان ڪنهن سياسي طاقت، حساس اداري، وڪيل گروپ يا حڪومت هٿان استعمال نه ٿينداسين.

دوران آگاهي ڏني. گهرو ڪاٿي ٻاران عدالت کي ٻڌايو ويو ته جي آءِ ٽي محمد اقبال، آسمان نديم ۽ شير محمد خان جي وارثن کي جبري گم ٿيل قرار ڏنو آهي. وڏي وزير جبري گم ٿيل ماڻهن جي وارثن جي مالي مدد جي منظوري ڏني آهي. عدالت رمارڪس ۾ چيو ته شهرين کي جبري طور گم ڪرڻ جي ڳالهه تسليم ڪئي وئي آهي ته پوءِ گمشدگي جو سبب به ٻڌايو وڃي. اهو به ٻڌايو وڃي ته گم ڪيل شهري ڪٿي آهن ۽ ڪهڙن ادارن وٽ آهن؟ رينجرز جي وڪيل حبيب احمد چيو ته جبري گمشدگي قرار ڏيڻ جو مطلب اهو نه آهي ته ڪنهن اداري شهرين جي گمشدگي کي تسليم ڪيو آهي. رينجرز جي وڪيل موجب گم ٿيل شهرين بابت درخواست گذارن جي الزامن جي روشني ۾ جاچ ڪئي ويندي آهي. ان حوالي سان ڪو قانون موجود نه آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ اهو عمل شروع ڪيو ويو هو عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جا تفصيل ۽ ٻيو مواد پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ ٺڪاڻو قدم کڻڻ جو به حڪم ڏنو ويو.

بقايا 24 ***

ڪوفائدو نه ٿيندو. جڏهن پاڻ عمران خان جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو ٿيا ان وقت به حڪومت پنج سال پورا ڪيا. سنڌس چوڻ هو ته ملڪ وڌيڪ ڏڦير برداشت نٿو ڪري سگهي. جڏهن ته پرامن احتجاج هر سياسي پارٽي جو جمهوري حق آهي پر عوام کي تڪليف نه ٿئي . هن چيو ته وزير اعظم جو معاملو سمجهڻ گهرجي . اٽارني جنرل تصديق ڪئي آهي. جڏهن ته اٽارني جنرل جي طبعيت خراب هئي ، واپس ڪونه آيو رٿائر ۾ ڪيو ويو. پيپلزپارٽي اڳواڻ چيو ته ڪمپنين ڏانهن بقايائون رهيل آهن انهن خلاف وڏا وڪيل سامهون آندا وڃن ۽ ننڍا وڪيل ڪيس هلائڻ جي صلاحيت نٿا رکن . هن جو چوڻ هو ته سڀ هزار وارا وڪيل رڳو تاريخون وٺي سگهن ٿا ٻيو ڪجهه نٿا ڪري سگهن . جڏهن ته هن وٽ وسيلا آهن پر انهن جو استعمال ڪري سگهجي ٿو خورشيد شاهه وڌيڪ چيو ته ڪنڊ ۽ ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ اسان وٽ موجود آهي ايڪسپورٽ ڪري متبادل حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ هن چيو ته آمريڪي حڪومت جيڪڏهن مخلافت ڪري ٿي ته پوءِ اسان جون ضرورتون پوريون ڪري . هن چيو ته پنجاب ۽ سنڌ جي هارين سان ظلم ٿي رهيو آهي حڪومت کي ان تي سوچڻ گهرجي.

بقايا 25 ***

لاءِ پي ٽي آءِ باني شروع کان ڳالهين جو حامي آهي، اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهيون سيني جي سامهون ٿينديون. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ امن هو تازي بدامني جي ذميوار پي ڊي ايم آهي، وفاق کي چوان ٿو ته دهشتگردي خلاف جنگ جي مد ۾ 460 ارب رپيا جاري ڪيا وڃن.

بقايا 26 ***

ناڪام ٿي وئي. هيومن رائيٽس ڪميشن بشير شر کي سامهون آڻي قانوني طريقي ڪار اختيار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 27 ***

وي ٽي رکي ٽرڪو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ان موقعي تي مقتول جي ڀاءُ ارباب چانڊيو ۽ سندس پٽ پرويز چانڊيو ٻڌائيندي چيو ته رات اڻڄاتل هٿيارٻند گهر اندر داخل ٿي اسان جي همراهه کي گوليون هڻي بي دردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويا رات کان هن مهل تائين پوليس ڪا پڇا ٻيٺو ناهي ڪيو اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي اسان جي همراهه کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي هڪ ڪلاڪ روڊ بند هجڻ کان پوءِ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ڌرڻي ۾ پهچي مقتول جي وارثن کان معلومات ورتي ۽ ڳالهيون ڪري انصاف جي يقين ڏهاني ڪرائي جنهن کان پوءِ روڊ ڪرليو ويو ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او قاضي احمد کي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو هدايت ڪئي ته فوري طور ايف آئي آر داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪيا وڃن.

بقايا 28 ***

۾ ايندڙ 2 مهينا تمام گهڻا اهم آهن. ان دوران سياست پنهنجا رنگ ڏيکاريندي، جڏهن ته حڪومت کي پاليسين تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. اڳوڻي گهرو وزير چيو ته پي

ٿيو آهي. اوڀر جون هوائون به عرب امارات جي موسم تي اثر انداز ٿينديون. اماراتي موسميات کاتي جي نمائندي چيو آهي ته ڪنوڻ سان تيز برساتن جو امڪان آهي جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي ڳڙا به پئجي سگهن ٿا. ان دوران تيز هوائن جي رفتار 65 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين پهچي سگهي ٿي. ياد رهي ته متحده عرب امارات 2 هفتا اڳ به تيز برساتن سبب متاثر ٿي چڪو آهي. دبئي، شارجه ۽ ابو ظهبي سميت ٻين رياستن ۾ طوفاني برساتن ۽ ڳڙن پوڻ کان پوءِ وڏا علائقا ۽ روڊ پاڻي ۾ ٻڏي ويا هئا. تيز برساتن سبب دبئي ايئرپورٽ تي فلائٽ آپريشن به سخت متاثر ٿيو هو جڏهن ته ڪيترين ئي اڏامون پڻ ملتوي ڪيون ويون هيون.

بقايا 19 ***

نوٽيفڪيشن موجب ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪاري والدين کي هڪ مهينو قيد ۽ 50 هزار رپيه ڏنڊ ڏيڻو پوندو. قلم 1 جي تحت ڏنڊ لاڳو ڪرڻ جا اختيار پڻ ڏنا ويا آهن. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر چيو آهي ته پوليو وائرس جي پکيڙ کي روڪڻ جي لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو ۽ ٻارن کي پوليو جي ٽيمن کان ڦڙا پياريو. ياد رهي ته سومر جي ڏينهن کان ملڪ ۾ پوليو کان بچاءَ جي مهم شروع ڪئي وئي آهي. پوليو کان بچاءَ جي قومي مهم اسلام آباد سميت چئني صوبن ۾ هلائي پئي وڃي. مهم جي دوران 2 ڪروڙ 4 لک 42 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي ويڪسينيشن ڪئي ويندي.

بقايا 20 ***

رپورٽر امداد سومرو جي سيوهڻ واري گهرمان ڏاڙي جي سخت مذمت ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته وڏو وزير ۽ آءِ جي سنڌ ان واقعي جو نوٽيس وٺي امداد سومرو جي گهران چوري ٿيل سون ۽ نقدي سميت ٻيو قيمتي سامان واپس ڪرائن هن اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته ڪراچي کان ڪشمور تائين ڏاڙيل راڄ نافذ آهي، هاڻي ته صحافي برادري به رهزنن کان محفوظ ڪونهي، سکر جي سينئر صحافي شهيد جان محمد مهر جا قاتل اڄان تائين گرفتار ناهن ٿي سگهيا. حق سچ لکندڙ ۽ حڪمران کي آئينو ڏيکاريندڙ امداد سومرو جي گهرمان ڏاڙي جي وارداتَ ”سڀ ٺيڪ آهي“ جي رٽ لڳائيندڙ حڪمرانن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي.

بقايا 21 ***

سيما جي پاڪستاني مڙس غلام حيدر پارٽي وڪيل ذريعي نوٽيدا جي فيملي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي، جنهن ۾ سچن ۽ سيما جي شادي کي چيلينج ڪيو ويو هو عدالت ۾ داخل ٿيل درخواست ۾ غلام حيدر پنهنجي ٻارن جي مذهب جي تبديلي کي به چيلينج ڪيو هو غلام حيدر جي وڪيل جي دعوي آهي ته سيما غلام حيدر کان طلاق نه ورتي هئي، انڪري سچن سان ان جي شادي صحيح ناهي. جنهن تي عدالت سيما حيدر کي 27 مئي تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڪيل مومن ملڪ موجب سيما جو پهريون مڙس سمورا ثبوت ڪٺي پارٽ اچي رهيو آهي، جنهن مان ثابت ٿيندو ته زال مڙس ۾ طلاق ناهي ٿي. ياد رهي ته سيما جي پارٽي شهري سچن سان پهرين گفتگو 2019 ۾ آن لائن شوٽنگ گيم پب جي تي ٿي هئي. جنهن بعد سيما جي پارٽ پهچڻ تي ٻنهي جي شادي ڪري ڇڏي هئي.

بقايا 22 ***

پاڪستان ۾ وڌيڪ معاشي استحڪام ايندو 2016 ۾ منهنجي قائد نواز شريف آءِ ايم ايف پروگرام مڪمل ڪيو هو هي ايس بي اي پروگرام آهي جيڪو مڪمل ٿي رهيو آهي. هن چيو ته 16 مهينن جي حڪومت دوران پاڪستان کي ڏيوالي کان بچائڻ لاءِ آءِ ايم ايف جو اهو معاهدو اهم ثابت ٿيو هو پاڪستان جي معاشي تحفظ لاءِ سخت ۽ ڏکيا فيصلا ڪيا، انهن فيصلن جا نتيجا معاشي استحڪام جي صورت ۾ سامهون اچي رهيا آهن، وري موقعو مليو آهي، ڀرپور قوت سان پاڪستان کي معاشي ترقي ڏيارينداسين. سنڌس چوڻ هو ته قرض وٺڻ ڪاميابي ناهي، ان ڏينهن ملندي، جڏهن قرض مان جان ڇوٽڪارو حاصل ڪنداسين، تسلسل سان محنت جاري رهي ته معاشي خوشحالي جو دور جلد ايندو.

بقايا 23 ***

ڪي گم ٿيل ماڻهن بابت ڪيس جي ٻڌڻي

لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. ادارا سهڪار نه ڪن ته پوءِ ان کي جڊيشل سائيڊ تي لارجر بئنچ ذريعي ڏسڻ گهرجي. پشاور هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته چيف جسٽس ۽ انتظامي ڪميٽي کي شڪايت ملڻ کانپوءِ معاملي کي ڏسڻ گهرجي، چيف جسٽس ناڪام ٿي وڃي ته معاملو انتظامي ڪميٽي سامهون رکڻ گهرجي، ججن جي ضابطن ۾ ترميم ٿيڻ گهرجي.

بقايا 12 ***

مسئلن جي حل جي خاطري ڪرائي ۽ چيو ته اظهار راءِ جي آزادي جي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت جو ويزن رهيو آهي، شهيد بي بي، صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت سنڌ سرڪار صحافين جي سمورن حقن جو تحفظ ڪندي آئي آهي. هن چيو ته سنڌ سرڪار صحافتي تنظيمن، ميڊيا جي ادارن ۽ ورڪرن جي مسئلن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، صوبي ۾ صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته ميڊيا ورڪرز جي ذميوارين جي ادائگي ۾ درپيش مشڪلاتن جو خاتمو اسان جو عزم آهي، سمورن تنظيمن جي سهڪار سان مسئلن جي نشاندهي ڪئي ويندي ۽ انهن کي حل ڪيو ويندو. سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جي وفد ۾ قاضي شفيق احمد، رضوان شاهه، ايوب پيرزادو، نسيم شيخ، شاهد انصاري شامل هئا.

بقايا 13 ***

نوٽيفڪيشن موجب اڳهن ۾ لاٿ ڪانپوءِ ايل پي جي جو 11.8 ڪلوگرام جو گهريلو سلينڊر 2 هزار 813 رپين 85 پئسن جو ٿي ويو آهي.

بقايا 14 ***

چيو ته جيڪڏهن حڪومت اهڙا مسئلا آڻيندي جن تي ڳالهه ٿي سگهي ته باني پي ٽي آءِ جي سامهون رکندا. علي محمد خان جو چوڻ آهي ته جنهن کي ڪلهي ملڻو هو اهو اچي ڪلهي تي ويٺو حڪومت 47 واري فارم آهي. هن چيو ته اپوزيشن ڪي دشمن نه سمجهيو وڃي، سڀ کان وڏي پارٽي کي پٺ سان لڳائڻ ۽ اڳتي وڌڻ سان اڳتين نٿو ٿي سگهي، سپريم ڪورٽ غيرجانبدار ثالث بڻجي بيٺي آهي.پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ آهي ته سڀ کان اهم ڳالهه پي ٽي آءِ باني جي آزادي آهي. جيڪو پارٽي ۾ واپس ايندو اهو باني جو فيصلو آهي، ماڻهن پنهنجي مرضي سان پارٽي نه ڇڏي،علي محمد خان چيو ته پارٽي جي اندروني معاملن تي هڪ ٻئي تي مٿي نه اڇلائڻ گهرجي، اندروني معاملن کي عوام ۾ نه ڳالهائڻ گهرجي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي باني جي آزادي ۽ مينڊيٽ جي واپسي جي ڳالهه ٿيڻ گهرجي.

بقايا 15 ***

واقعي جي ذميواري قبول ناهي ڪئي وئي.

بقايا 16 ***

عدالت ۾ ڪيس پوگهيندا آهيون، لڳي ٿو ته صرف پي ٽي آءِ وارا دهشتگرد آهن ٻيو ڪير به نه آهي. موجوده حڪومت جي ڪنهن به قسم جي ڪارڪردگي نه آهي. صحافي طرفان پڇيل سوال تي ته اوهان پي ٽي آءِ ۾ واپس وڃي رهيون آهيو ڇا؟ جنهن تي شيرين مزاري جواب ڏنو ته هن وقت ڪجهه نٿي چئي سگهان في الحال مان سياست ڇڏي ڏني آهي.

بقايا 17 ***

حق جي حوالي سان سندن خواهشن کي نظر ۾ رکندي چيو ته اهو حاصل ڪرڻ لاءِ اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته ڏکهي عرصي کان جاري جدوجهد جو خاتمو ٿيندو ۽ امن ۽ سلامتي ذريعي سهڪار ۽ ترقي جا گهڻا موقعا ميسر ٿيندا. هن چيو ته سعودي عرب ۽ آمريڪا ٻه طرفي معاهدن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي مرحلي ويجهو پهچي چڪا آهن. هن ٻڌايو ته فلسطيني رياست جي قيام تائين پهچڻ لاءِ هڪ رستو گهربل آهي. مڪمل جنگ بندي کان پوءِ ٻئي مرحلي جي شروعات ٿيندي.

بقايا 18 ***

موجب اربع جي شام کان خميس تائين تيز برساتن جو امڪان آهي. اماراتي موسميات کاتي ٻڌايو آهي ته متحده عرب امارات بحيره احمر کان سطح گهٽ دٻاءَ جي واڌ سان متاثر

تي آزاد آهي، نوجوان نقيب الله کي جنوري 2018 ۾ پوليس ٻاران مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيو ويو هو

بقايا 08 ***

سان ٿيندڙ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٻه دڪان متاثر ٿيا، جڏهن ته هڪ دڪان جي ڇت ڪري پئي. اکين ڏٺن شاهدن ٻڌايو ته ڌماڪي سان ٻن دڪانن ۾ باهه لڳي وئي ۽ هر پاسي دونهون ٿي ويو باهه تي ضابطي لاءِ فائر برگيڊ جو هڪ اسنارڪل حادثي واري هنڌ پهتو، ڌماڪي جي شدت سان دڪانن جو ملبو روڊ جي ڀرپاسي پکڙجي ويو اسپتال اختيارين موجب حادثي ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 8 زخمي ٿيا، جن کي سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي. اسپتال اختيارين جو چوڻ آهي ته زخمين جي حالت خطري کان ٻاهر آهي.

بقايا 09 ***

ناهي ٿي. اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي ڪيس اڄ اليڪشن ڪميشن آڏو فڪس هيو هن چيو ته 3 مارچ تي ٿيندڙ چونڊن جي حوالي سان نوٽيس مليو آهي. اسان 2 ڊسمبر تي چونڊون ڪرايون، اليڪشن ڪميشن 22 ڊسمبر تي اليڪشن ختم ڪري ڇڏي، بئريسٽر گوهر جو چوڻ آهي ته حڪم کي مد نظر رکيو اسان سان زيادتي ٿي ، بيٽ جو نشان کسيو ويو پارٽي اڳواڻ کي جيل ۾ رکيو ويو. اڄ جي ٻڌڻي ۾ بابت ڪو به نوٽيس نه آيو چيئرمين پي ٽي آءِ چيو ته اڄ اليڪشن ڪميشن عملي کان پڇيو ته هو ڇا چوڻ چاهين ٿا، عملي چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪم جي روشني ۾ ڪجهه مشاهدا آهن.

بقايا 10 ***

حملي ۾ چار پوليس آفيسر مارجي ويا. جڏهن ته چار زخمي ٿي پيا. پرڏيهي خابرو اداري موجب پوليس اهلڪار هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ گهربل جوابدار کي وارنٽ ڏيڻ پهتا ته هن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ جوابدار به مارجي ويو خابرو اداري جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته واقعي دوران جوابدار جي گهر مان به اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي وئي، بعد ۾ پوليس گهر مان عورت ۽ ٻار کي گرفتار ڪري بندوق هٿ ڪري ورتي. شمالي ڪيرولائنا شارلٽ ميڪلن برگ جي پوليس چيف جوني جيننگز پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته فائرنگ جي واقعي ۾ مارجي ويل آفيسرن جو تعلق مختلف ايجنسين جي آفيسرن تي ٻڌل يو ايس مارشل ٽاسڪ فورس سان هو، مارجي ويلن ۾ هڪ ڊپٽي يو ايس مارشل به شامل آهي.

بقايا 11 ***

انرجي سان روشن ڪيو وڃي. ان حوالي سان يورپي يونين مدد ڪري. هن ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪرڻ تي يورپي يونين جا ٿورا مڃيا ۽ سفير کي ٻڌايو ته ٻوڏ سان صوبي ۾ هزارين اسڪول متاثر ٿيا، عمارتن جي بحالي سنڌ حڪومت لاءِ وڏو چئلينج آهي، اسان چاهيون ٿا ته يورپي يونين مدد ڪري. يورپي يونين جي سفير چيو ته توهان اسڪولن جي تعمير ۽ سولر پراجيڪٽ موڪليو ڪوشش ڪنداسين ته تعليم ۽ شمسي توانائي ۾ توهان جي مدد ڪيون. وزيراعليٰ هائوس جي ترجمان موجب يورپي يونين جا سنڌ ۾ 170.85 ملين يورو جا منصوبا جاري آهن ۽ 50 ملين يورو جي غربت جي خاتمي جي پروگرام تي ڪم ٿي رهيو آهي.

بقايا 06 ***

مندوخيل، جسٽس اطهر من الله، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس نعيم اختر افغان بئنچ جو حصو آهن. جڏهن ته حڪومت طرفان اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان دليل ڏنا. ٻڌڻي دوران اٽارني جنرل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جون تجويزون پڙهي ٻڌايون. چيف جسٽس پڇيو ته ڪهڙيون شيون آهن جيڪي هاءِ ڪورٽ جي اختيارن جي دائري ۾ نه ٿيون اچن، سيني هاءِ ڪورٽس کان تجويزون گهريون آهن. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اسان ڪنڊڪٽ سان ڊيڪلاريندااسين ته مداخلت آهي يا نه. ججن جو حڪم ناموڊيڪاري تي ٻڌائي ٿو ته ڪيتري مداخلت ٿي آهي ۽ ڪيتري آزادي آهي ڪيتري ناهي. اسان نٿا سمجهون ته مداخلت جو معاملو سنجيدگي سان نٿا وٺون. جسٽس اطهر من الله چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ ان ڳالهه کي مڃيو آهي. جيڪا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چئي. جسٽس منصور علي شاهه چيو اسان وٽ موقعو آهي ته ان معاملي کي حل ڪيون. اسان کي هاءِ ڪورٽس ۽ عدليا کي بااختيار بڻائڻو آهي. جسٽس جمال مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته اها رڳو مداخلت ناهي پر اسان جي ججن کي ٽارگيٽ ڪيو ويو. اسان نوٽيس ورتو اسان سان چا ٿي رهيو آهي. جسٽس منصور علي شاهه چيو اسان کي مداخلت سامهون رنڊڪ ٻيهارڻي پوندي. چيف جسٽس چيو جيڪڏهن منهنجي ڪم ۾ مداخلت ٿئي ۽ نه روڪي سگهان ته مون کي گهر وڃڻ گهرجي. جسٽس اطهر من الله چيو رياست کي عدليا جي آزادي جو تحفظ ڪرڻو آهي، مان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ رهيس ڪنهن مداخلت نه ڪئي. جسٽس بابر ستار سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سامهون آهي. ٻڌڻي دوران جسٽس نعيم اختر افغان چيو ته ملڪ ۾ ڪي ايجنسيون آهن اهي ڪهڙي قانون تحت ڪم ڪنديون آهن؟ آءِ بي، آءِ ايس آءِ ۽ ايم آءِ ڪهڙي قانون تحت ٺهيون. ايندڙ ٻڌڻي تي انهي ايجنسين جا قانون ٻڌايا وڃن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته منهنجي چيف جسٽس بڻجڻ کانپوءِ هڪ به شڪايت منهنجي رجسٽرار آفيس ۾ نه آئي ۽ اسان ماضي جي شڪايتن جو جائزو وٺي رهيا آهيون. اسان کي واقعا ٻڌايو. مان ڪيترن ئي واقعن ۾ ٻڌائي سگهان ٿو جڏهن مداخلت ٿي، طئي ڪري ڇڏيو ته اسان ڪنهن سياسي طاقت، حساس اداري، وڪيل گروپ يا حڪومت هٿان استعمال نه ٿينداسين. جسٽس اطهرمن الله ريمارڪس ڏنا ته ان جو انٽيليجنس اداري ڪجهه ڪن ٿا ته ان جو ذميوار وزيراعظم ۽ ان جي ڪابينا آهي.

بقايا 07 ***

کان انڪار ڪري ڇڏيو پنهنجي نئين بيان ۾ هيڊ ڪانسٽيبل چيو ته پهريون بيان مون کان زبردستي ورتو ويو هو اعليٰ اختيارين جي دٻاءَ سبب لکت واري بيان تي صحيحون ڪيون هيون. شاهد جي ڦري وڃڻ سبب پراسيڪيوشن ٻاران گواهه جو نالو واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي وئي. جوابدار ڌر جي وڪيل گواهه جو نالو واپس وٺي نٿو سگهجي، گواهه جي بيان تي دليلن جي اجازت ڏيڻ جي استدعا، عدالت جوابدار ڌر جي وڪيل جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو ڪيس جي ٻڌڻي 4 مئي تائين ملتوي، نقيب الله قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي ملير رائو انوار سميت 18 جوابدار بري ٿي چڪا آهن. ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او امان الله مروت سميت 7 آفيسر ۽ اهلڪار مفرور هئا. دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي فيصلي بعد روپوش جوابدارن سرينڊر ڪيو ڪيس ۾ هڪ جوابدار شعيب شوٽر ضمانت

بهرحال، هن نوٽ ڪيو ته موجوده وسيلا غير رسمي تعليم جي طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هئا. جواب ۾ وڏي وزير چيو ته سنڌس حڪومت غير رسمي تعليم جي اٿارٽي ناهڻ جي عمل ۾ آهي ته جيئن انهن ٻارن جي تعليمي ضرورتن کي بهتر نموني سان پورو ڪري سگهجي. وڏي وزير ٻڌايو ته 19 هزار 806 اسڪول تباهه ٿيا جن مان 7503 مڪمل ۽ 12 هزار 303 جزوي طور تباهه ٿيا. تعميراتي پروگرام ۾ 5295 يونٽ شامل ڪيا ويا آهن. جن لاءِ ڊونر ايجنسيون به مدد ڪري رهيون آهن. وڏي وزير چيو ته هو وزيراعظم کي ٽن ترجيحي علائقن جي مالي مدد جي درخواست ڪندو. هن چيو ته انهن ۾ اسڪولن کي پرائمري کان ايليمينٽري تائين اپ گريڊ ڪرڻ، باقي بچيل ٻوڏ متاثر اسڪولن جي بحالي، ۽ سيني ضلعن ۾ وڌيڪ غير رسمي خواندگي مرڪز قائم ڪيا ويندا.

بقايا 02 ***

سفير ۽ ٻئي سفارتي عملي وزيراعظم محمد شهباز شريف کي رخصت ڪيو عالمي اقتصادي فورم جي موقعي تي وزيراعظم سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان آل سعود، ڪويت جي امير شيخ مشعل الاحمد الجابر الصباح، ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم، سعودي وزيرن سان ملاقاتون ڪيون. وزيراعظم جو اهو دورو پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ معاشي لاڳاپن جي حوالي سان پڻ انتهائي اهميت رکندڙ هو

بقايا 03 ***

تقريب کي خطاب ڪندي شمشاد اختر چيو اٿين ناهي ته عالمي سطح جي ادارن ۾ عورتن خلاف تعصب ناهي، بئنڪنگ سيڪٽر جا ماڻهو طاقتور ۽ پئسي وارا آهن، مان پنهنجي دور ۾ تمام سخت فيصلا ڪيا، هن چيو ناٿي واري وزارت وارا سمجهندا هئا ته مون کي ڪا خبر ناهي، ڪنهن کي يقين نه هو ته مان معيشت سنڀالڻ ۾ ڪامياب ٿينديس، مون کي پريزنٽيشنز ڏنيون ويون، مان چيو معيشت دان آهيان رهڻ ڏيو سول سرونٽس جذبو ناهن وڌائيندا توهان کي پاڻ ئي ڪم ڪرڻو پوندو آهي.

بقايا 04 ***

شاهد خاقان عباسي خلاف ايل اين جي ريفرنس واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي جنهن کي عدالت منظور ڪندي اڳوڻي وزيراعظم سميت سمورن جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. ياد رهي ته ايل اين جي ريفرنس ۾ اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل، اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ۽ سندس پٽ عبدالله خاقان عباسي کي نامزد ڪيو ويو هو. نيب پراسيڪيوٽر ايران ريفرنس واپس وٺڻ جي بيان جي روشني ۾ عدالت ڪين بري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

بقايا 05 ***

يورپي يونين جي سفير ڊاڪٽر رينا ڪيونڪا ملاقات ڪئي، جنهن ۾ يورپي يونين جي پائيواري سان سنڌ ۾ جاري پراجيڪٽن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وڏي وزير چيو ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊن ۾ غريبن کي سولر انرجي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ چاهيون ٿا ته ٻهراڙين ۾ گهرن کي سولر

بقايا 01 ***

وزير سيد سردار شاهه، صوبائي وزير آغا واصف، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن (پي آءِ اي) جنوري 2024 ع ۾ هڪ رپورٽ شايع ڪئي هئي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته پاڪستان ۾ 26.2 ملين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. ان انگ ۾ سنڌ جو حصو 7.63 ملين ٻارن جو نڪتو جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. ان جي جواب ۾ تعليم واري وزير سردار شاهه تعليم واري وزارت (وفاقي حڪومت) جي تازي انگن اکرن جو حوالو ڏنو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ ۾ 4.1 ملين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. تعليم واري وزير وڏي وزير کي وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ ۾ ڪل 14 لک 208 هزار 257 ٻار آهن. جن مان 10 لک 204 هزار 647 سرڪاري، خانگي، مدرسن، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ ٻين ادارن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته 4.1 ملين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. انگن اکرن کي ٽوڙيندي، هن ٻڌايو ته 4.5 ملين ٻارن سرڪاري اسڪولن ۾، 3.9 ملين پرائيويٽ اسڪولن ۾، ۽ 840,000 ٻارن سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان کان علاوه، 500,000 ٻارن مدرسن ۾ شرڪت ڪئي، ۽ 500,000 وفاقي/پاڪ آرمي/نيوي اسڪولن ۾ شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته 2019 ع ۾ يونيسيف سنڌ صوبي ۾ ٻارن جي اسڪول نه وڃڻ جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ نموني اپياس ڪرايو. مطالعي جي نتيجن مان ظاهر ٿيو ته 5 کان 16 سالن جي وچ ۾ ٻار ڪيترن ئي سببن جي ڪري اسڪول کان ٻاهر هئا. انهن ۾ 20 سيڪڙو خاندان غربت جي زندگي گذاري رهيا آهن. 16 سيڪڙو خاندان تعليم کي اهميت نه ٿا ڏين. 15 سيڪڙو ڇوڪرين جا اسڪول موجود نه آهن. 14 سيڪڙو اسڪول تمام پري آهن. 13 سيڪڙو ٻار تعليم کي اهميت نه ٿا ڏين. معيشت ۽ 8 سيڪڙو ثقافتي رڪاوٽون ڇوڪرين جي تعليم ڏانهن، 13 سيڪڙو ويجهن تعليمي ادارن ۾ مناسب انفراسٽرڪچر جي کوٽ آهي. تعليم واري وزير سردار شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته 36 هزار 234 پرائمري اسڪول ۽ 4 هزار 730 پوسٽ پرائمري اسڪول آهن. جنهن جي نتيجي ۾ پوسٽ پرائمري سطح تي ٻارن جي ڊراپ آئوٽ جي شرح 54 سيڪڙو آهي. وڏي وزير پرائمري ۽ پوسٽ پرائمري اسڪولن جي وچ ۾ تفاوت کي تسليم ڪيو ۽ تجويز ڏني ته اسڪول ڇڏڻ کي روڪڻ لاءِ ان کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ وڏي وزير سالياني ترقياتي منصوبي (ADPS) ۾ سمورن پرائمري اسڪولن کي تدريجي طور تي پوسٽ پرائمري اسڪولن ۾ اپ گريڊ ڪرڻ جي پاليسي جي منظوري ڏني. اضافي طور تي، حڪومت ٻارن کي برقرار رکڻ ۽ ڊراپ آئوٽ کي روڪڻ لاءِ ڪلسٽر اسڪولن سان رابطا وڌائڻ تي ڪم ڪندي. تعليم واري وزير سردار شاهه 9 کان 16 سالن جي ٻارن کي غير رسمي تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن اهو به ذڪر ڪيو ته تيز رفتار سکيا جا پروگرام غير رسمي تعليم کي مرڪزي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 01

ايف آءِ آر داخل نہ ٿي سگھي آهي جنهن جو ڪارڻ ترجون بااثر ترين جوابدار کي ڇڏائڻ لاءِ سرگرم ٿي ويون آهن ۽ تشدد جو شڪار ٿيل نياڻي زاهده کهيو جي پيءُ جاويد کهيو کي خاموش رهڻ لاءِ ڌمڪايو رهيون آهن تشدد جو شڪار ٿيل ناري زاهده کهيو هن وقت سول اسپتال مکلي ۾ علاج هيٺ آهي جتي سندس حالت خراب ٻڌائي پئي وڃي متاثرڙ پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سيشن جج ٺٽو، آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو کي اپيل ڪئي آهي تہ سنڌن خاندان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 02

سائين عزت پري انداز ۾ پيش اچڻ گهرجي سنڌن پگهر سڪڻ کان اڳ کين معاوضو ڏئي ڇڏڻ گهرجي هي ڏينهن اسان کي شڪاگو جي مزدورن جي قربانين جي نتيجي ۾ مليو جيڪو هڪ ڏئي وقت سموري دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو هن ڏينهن تي اچو تہ پاڻ پورهيتن سان گڏ بيهون ۽ سنڌن جائز مطالبن جي حمايت ڪريون ڇالاءِ تہ مزدور اڄ ۾ مظلوم آهي. پروفيسر اميد علي سامتيو چيو تہ مزدورن سان همدردي ڪري انهن کي سنڌن حق ڏنا وڃن اهوئي يوم مئي جو اصل مقصد آهي. پروفيسر عابد حسين پتوچيو: اسان سڀ مزدور آهيون جيڪي ۽ جسماني پورهيو ڪري ٿو معاوضو وصول ڪيون ٿا اسان سڀني کي پنهنجي پورهيتن جي مسئلن جو احساس هئڻ گهرجي. پروفيسر اڪبر چانڊيو چيو تاريخي طور هر دور جو سرمائيدار مزدورن جو استحصال ڪندو رهيو آهي اڄ بہ اهو سلسلو جاري آهي. مزدور فقط تغاري کڻڻ وارا نہ پر هر قسم جو پورهيو ڪندڙ مزدور آهن. پروفيسر امير علي عباسي چيو اسان دنيا جي اندر جڏهن مزدورن جي تاريخ پڙهندا سين تہ اها ظل

بقايا 03

مظاهرو ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو تہ گوٺ پر اوباش ۽ ڏوهن ۾ ملوث نوجوان غلام مصطفي خاصخيلي گوٺ وارن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي جيڪو گوٺ پرسان موٽر سائيڪل تيز رفتاري سان هلائي ٿو جنهن سبب ڪيترائي گوٺ جا معصوم ٻارڙا سخت زخمي ٿيا آهن ۽ اوباش ڏاڍ ڪندي ڳوٺائي محمد حسين جي گهر ۾ رات جي اونداهي ۾ ڪڙا اڇلائي ٿو جنهن سبب عورتون ۽ معصوم ٻارڙا زخمي ٿيا آهن نوجوان جي غلط حرڪتن جون دانهون سنڌن وارثن کي بہ ڏني آهي پر الٽو ڏوهاري نوجوان ڪوڙو ڊرامو رچائي پنهنجي تنگ تي هٿرادو فائر ڪري گولي هڻي جنهن جو الزام اسان مٿان هنيو آهي جنهن جو ڪو بہ ثبوت يا شاهد ناهي نوجوان علائقي جي ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي اسان ايس ايس پي نوشهروفيروز سيشن جج نوشهروفيروز پرايسڊي پوليس کان مطالبو ڪيون ٿا تہ ڪوڙي راچايل درامي جي انڪوائري ڪرائي اوباش نوجوان کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 04

منشيات فروشن پاران چرهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪري مٿس ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ايس ايس پي سجاول عبدالخالق پيرزادو کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور صحافي گلشير ميربحر جي گهر تي چڙهائي ڪري حملو ڪندڙ منشيات فروش جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سائنس انصاف ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 05

۾ مذهبي هم آهنگي" جي عنوان سان اروڙ يونيورسٽي ۽ سکر ۾ 25 ۽ 26 اپريل 2024ء ۾ منعقد ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ ڪيو ويس گڏيل سهڪار جي هن معاهدي ۾ جيڪي يونيورسٽيون شامل آهن. انهن ۾ نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور، انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر ڪراچي، شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج جامشورو ۽ اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ ڊيزائن اينڊ هيريٽيج سکر NISAجي نالي سان هن گڏيل سهڪار جي معاهدي جو مقصد پاڪستان ۾ آرٽ، ڊيزائن ۽ آرڪيٽيڪچر جي تعليم کي فروغ ڏيڻ آهي. اروڙ يونيورسٽي سکر جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کند صاحب جن جي ڪوشش سان هي سهڪاري معاهدو طئي ٿيو

بقايا 06

چيئرمين غلام رسول سومرو جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي ياد رهي غلام رسول سومرو تي بدين جي نائين درجي جي شاگرد چوڏهين ورهين جي نينگر شعبان پٽي سان زبردستي بد فعلي ڪري ان جا وڊيو ٺاهڻ ۽ ان کي بليڪ ميل ڪرڻ جو بدين ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهي ۽ هن سنڌ هائي ڪورٽ حيدرآباد سرڪٽ بينچ مان اٺن ڏينهن جي گرفتاري کان اڳ جي ضمانت ڪرايي هئي ۽ هن پڪي ضمانت لاءِ سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج بدين شڪيل احمد شيخ جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي هئي خود عدالت اڳيان پيش نہ ٿيڻ سبب عدالت سڳوري غلام رسول سومري جي ضمانت واري درخواست رد ڪري بدين پوليس کي جوابدار کي گرفتار ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي

بقايا 07

ڪئي سگهي . اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي ۾ بہ اجلاس سڏائي سکر ۾ نادرا آفيس جو دورو ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اگاري ڏينهن هڪ ڏينهن جي دوري تي سکر پهتو هن سکر شهر ٻاهران نادرا آفيس جو دورو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي گهرو وزير چيو تہ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال جي بهتري ۽ ڪچي ۾ آپريشن لاءِ صوبائي حڪومت جيڪا بہ مدد طلب ڪندي اها فراهم ڪندي. سنڌ جي صوبائي حڪومت ۽ وفاقي حڪومت امن امان جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪنديون. ان حوالي سان ڪراچي ۾ اجلاس بہ طلب ڪيو ويو آهي. گهرو وزير محسن نقوي جو چوڻ آهي تہ سنڌ حڪومت جڏهن چاهي تہ ڪچي ۾ آپريشن لاءِ فوج کي استعمال ڪندي. ڪشمور، گهوٽڪي، شڪارپور ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. ان حوالي سان سنڌ جي وڏي وزير سان بہ ملاقات ڪئي ويندي. هن چيو تہ مان هتي سنڌ ۾ بدامني جي صورتحال ڏسڻ آيو آهيان. گهرو سيڪريٽري بہ مون سان گڏ آهي. گهرو وزير چيو تہ صدر بہ سنڌ جي ڪجھ ضلعن ۾ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو تہ سکر جي عوام کي نادرا آفيس ۽ پاسپورٽ آفيس جي حوالي سان مسئلا درپيش آهن. نادرا آفيس کي شهر اندر منتقل ڪيو ويندو. هتي 2007ع کان پاسپورٽ آفيس جي عمارت تعمير ٿي رهي آهي. ان کي 6 مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو

بقايا 08

ڪري مرٽينگ ڪري وڏو اطلاع بعد وارثن پهچي زخمي نوجوان کي غوثپور جي نجي اسپتال کڻائي آيا جتي نوجوان زخمن جا سور نہ سهندي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جي پاءُ خدا بخش ملڪ ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو تہ فوت ٿي ويل منهنجي پاءُ لعل بخش ملڪ جو سيائي نڪاح رڪيل هو جنهن کي منهنجي چاچي رسڻ ملڪ جي نياڻي ڏنل هئي جنهن سبب انکي پنهنجي نياڻي جو نڪاح نہ ڏيڻ تي چاچي قتل ڪيو آهي پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 09

ڪانهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پي ٽي آءِ وارن اڳ بہ ڊرٽو هنيو هو پر پوءِ بہ حڪومت پنج سال پورا ڪيا ڊرٽن سان حڪومت ناهي ويندي پي ٽي آءِ کي اڳ بہ پارليامينٽ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني هئي گڏهن هائي بہ هو پارليامينٽ ڇڏڻ ٿا تہ ڪو بہ فرق نہ پوندو ملڪ کي وڌيڪ انتشار جي سگ ناهي پر امن احتجاج سياسي پارٽين جو حق آهي. پر عوام کي نقصان پهچيشو پنج ترپلين قائل آهن مون اهو معاملو اٿاريو هو وزيراعظم کي ان تي غور ڪرڻ گهرجي اٿارني جنرل تصديق ۾ ڪئي هئي سنڌس طبيعت خراب هجڻ سبب موڪل ورتي ۽ ريٽائرڊ بہ ٿي ويو ڪمپني ڏاهن رهتون آهن انهن جي وصولي لاءِ وڏو وڪيل ڪرڻ گهرجي جيڪو صحي ڪيس وڙهي سگهي 60 هزارن وارو وڪيل کي ڪيس وڙهڻ جي صلاحيت ناهي هوندي هو

صرف تاريخ ٿي وڃي سگهيٿو وسيد خورشيد احمد شاه مختلف سوالن جا جواب ڏيندي چيو تہ 2018 ۾ جيڪو ڪجھ ٿيو اهو سڀني جي سامهون آهي. اسان کي پاڻ تي انحصار ڪرڻ گهرجي اسان وٽ وسيلا آهن اسان کي انهن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪٺڪ ۽ ڪند وافر مقدار ۾ موجود آهي ۽ ايڪسپورٽ ڪري پرڏيهي متاستا حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن آمريڪي حڪومت مخالفت ڪري ٿي تہ اسان جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ گهرجي. پنجاب ۽ سنڌ جي هارين تي ظلم ڪيو پيو وڃي.

بقايا 10

